(اڻ ڇپيل ناوليٽ "پڇتاءُ" سميت)

# ماڻڪ جي بريف ڪيس مان

Gul Hayat Institute

سهڙيندڙ: منور سراج

MV Publication

# ماڻڪ جي بريف ڪيس مان

## ماڻڪ

سهيڙيندڙ: منور سراج

ماءِ پبليڪيشن سکر

Gul Hayat Institute

PUBLICATION

## سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | ماڻڪ جي بريف ڪيس مان |
| ليکڪ | ماڻڪ |
| سهيڙيندڙ: | منور سراج |
| صنف | ناوليٽ / ٻيون لکڻيون |
| ڪمپوزنگ | شيردل اعواڻ |
| ٽائيٽل ڊزائننگ | سهيل احمد شيخ |
| ڇاپو | پهريون |
| ڇاپي جو سال | 2014 ع |
| ڇپائيندڙ | ماءِ پبليڪشن سکر |
| قيمت | 150 رپيا |
| ڪتاب نمبر | ٻارهون |

ڪتاب ملڻ جا هنڌ: ڪانياواڻ ڪتاب گهر، اردو بازار ڪراچي. ٿامس اينڊ ٿامس، ريگل چوڪ ڪراچي. ڪنگ پن ڪتاب ميلو، پريس ڪلب حيدرآباد. اشرف بڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه. رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور. ڪامريڊ ڪتاب گهر، ڄامشورو. تهذيب نيوز ايجنسي ۽ بڪ شاپ، پنج گلو خيرپور. الفتاح نيوز ايجنسي ۽ ڪتاب گهر، مهراڻ مرڪز سکر. عزيز ڪتاب گهر، ٻراج روڊ سکر. ناولٽي بڪ اسٽور، ميرپور ماٿيلو. المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ.

لکپڙهه لاءِ

آفيس نمبر 5، فرسٽ فلور، اقصيٰ ٽاور، مشن روڊ سکر

03213985031

Gul Hayat Institute

# ارپنا

سنڌ جي غير معمولي آرٽسٽ

منير ماڪ جي جينئس

فرزند

علي احمد ميمڻ ۽

سندس امڙ جي

نالي.

مائرون نہ هونديون

ئي جينئس آهن!

Gul Hayat Institute

منور سراج

# پبلشر نوٽ

ماڻڪ يا منير احمد يا وري منير احمد ماڻڪ بس هڪ لفظ "ماڻڪ" آهن؛ جيڪو سنڌي ادب جو بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي موتي آهي. سندس هي ڪتاب به بلڪل ائين آهي جيئن ڪنهن ڪاڻ مان ڪو ماڻڪ مليو هجي. ناميارو ليکڪ محمد علي پٺاڻ ٻڌايو ته ڪيس پتو پيو آهي ته نواب شاهه ۾ ناول نگار منور سراج وٽ سنڌي ٻوليءَ جي يگاني ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار ماڻڪ جو اڻ ڇپيل ناول موجود آهي. اداري پاران منور سراج سان رابطو ڪيو ويو ته هنن ٻڌايو ته وٽس برابر هڪ بريف ڪيس آهي. جيڪو ڪيس ماڻڪ سائين جي فرزند علي احمد ڏنو آهي، جنهن ۾ سندس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد موجود آهي. هن اسان جي گذارش تي بريف ڪيس مان نڪتل مواد اماڻيو. جنهن ۾ سندن ناول نه پر هڪ ناوليٽ "پڇتاءُ" موجود هيو. اسان ماڻڪ يا منير احمد جي نالن سان مختلف ادارن پاران ڇپيل ڪتاب جاچيا پر سندن اهو ناوليٽ نظر نه آيو. سو فوري طور اهو ڪمپوز ڪرائڻ شروع ڪيوسين. نه رڳو اهو پر ماڻڪ جو هڪ سنڌي ۽ هڪ اردوءَ ۾ لکيل خط به موجود هئا. ان سان گڏ نصير مرزا، نثار حسيني سوڌو مختلف پبلشرن توڙي رسالن جي ايڊيٽرن جا ڏانهنس لکيل خط به مليا. جن مان اهو اندازو لڳائڻ ۾ سولائي ٿي رهي آهي ته سنڌ جو هي تمام وڏو لکاري ڪيڏن وڏن ڏکن ۾ قاتل هيو جنهن ڪري هنن پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو. جيئن ته خطن مان پتو پئي ٿو ته ڪين نوڪريءَ لاءِ هڪ شخصيت سان رابطي لاءِ چيو ويو هو ۽ ان ڏانهن هڪ رجسٽري جي رسيد به ملي.

ماڻڪ جي بريف ڪيس مان سندن رسالن ۾ ڇپيل ڪجهه ڪهاڻيون به مليون آهن. اهي ڪهاڻيون ان ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪري رهيا آهيون جو رسالن ۾ ڇپيل انهن ڪهاڻين ۾ ماڻڪ هٿ اکرن سان ايڊٽ ڪئي هئي. جنهن مان اندازو اهو ٿي رهيو آهي، يا ته ايڊيٽرن سندن انهن ڪهاڻين جي ايڊيٽنگ ڪئي هئي جيڪا ماڻڪ کي سٺي

Gul Hayat Institute

نہ لڳي ۽ هنن ٻيهر انهن مان اصلي جملا ۽ لفظ لکيا؛ يا وري ڪين ڪهاڻين ۾ جهول نظر آيو هوندو تہ هنن انهن کي اڳ جي پيٽ ۾ وڌيڪ بهتر ڪيو هوندو. انهن ڪهاڻين کان سواءِ ماڻڪ جو هڪ ريڊيائي ڊرامو بہ ان بريف ڪيس ۾ موجود هيو جيڪو سنڌ جي لوڪ داستان مورڙي ۽ مانگر مڇ بابت آهي. جنهن مان پتو پئي ٿو تہ ماڻڪ ڊرامي جو بہ ڪيڏو نہ سٺو لکاري هيو. سندن هڪ تنقيدي مضمون بہ مليو جيڪو سنڌ جي عظيم ڏاهي محترم محمد ابراهيم جوئي جي هڪ ترجمي ڪيل ڪتاب بابت آهي اهو پڙهي ماڻڪ جي تنقيدي اپروچ جو بہ پتو پئي ٿو تہ هو ڪيڏو پڙهيل ليکڪ هيو.

ماڻڪ سائينءَ جي ان بريف ڪيس مان سندن هڪ پرس بہ نڪتو جنهن ۾ هڪ رپئي جو نوٽ، هڪ رجسٽري جي رسيد ۽ هڪ سندس نالي وارو وزٽنگ ڪارڊ مليو جيڪو پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ٿا. ايئن ڪٿي ڇنڇي تہ ماڻڪ جي زندگيءَ جو هي آخري بچي ويل خزانو پڙهندڙن تائين پهچي پيو ٿي سگهي ٿو تہ اهو مواد ڇڙ وڇڙ ڪٿي ڇپيل بہ هجي، ان ڪري هن ڪتاب جو نالو بہ "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" رکيو ويو آهي، جنهن جي سهيڙڻ ۽ هٿ ڪرڻ جو سمورو ڪريڊٽ منور سراج ڏانهن وڃي ٿو. ۽ ادارو ماڻڪ جي فرزند محترم علي احمد جو بہ ٿورائتو آهي جنهن منور سراج معرفت هن مواد ڇپرائڻ جي اجازت ڏني ۽ ساڻ گڏ نصير مرزا صاحب ۽ س محمد علي پناڻ جو بہ ٿورائتو آهي جن سهڻيون صلاحون ڏنيون. هاڻ هي سنڌي ادب جي موتين جي ڪاڻ پڙهندڙن جِي ٿِي.

پبلشر

Gul Hayat Institute

# ديوانگيءَ جو سفر

منور سراج

نومبر 2013ع جو صبح آهي.

نومبر جا ههڙا ڪيترائي صبح ماڻڪ منير جي اڱڻ ۾ لٿا هوندا. ڪيئن گذاريا هوندا ماڻڪ اهي صبح، شامون، راتيون؟ انهن صبح، شامن ۽ راتين ۾ ڪير به جهاتي پائي نه ٿو سگهي. ماڻڪ "ساهه مٺ ۾" جو پهريون صفحو ڪهڙيءَ موسم جي ڪهڙي پل لکڻ شروع ڪيو هوندو!

۽ "لڙهندڙ نسل" جي ڪلائمڪس تي ڪهڙي پل پهتو هوندو.

ڪاش! آئون ماڻڪ سان مليو هجان ها! ڪاش آئون ماڻڪ سان ملي سگهان!

هاڻي ته مان چاهيندي به ماڻڪ سان ملي نه ٿو سگهان.

ماڻڪ ته تڏهن خودڪشي ڪري چڏي هئي، جڏهن مون کي اڃان ادب جي الف ب جو به پتو نه هو.

ماڻڪ سان نه ملي سگهڻ جو ڏک منهنجو اضافي ڏک نه آهي. حقيقي ڏک آهي!

مون جيترو گهٽ ماڻڪ کي پڙهيو ايترو گهٽ سندس ويجهو ٿي ويس.

هن جون سڀ لکڻيون سدائين پنهنجون پنهنجون پاسيم. مون ماڻڪ کي جڏهن به ۽ جتي به پڙهيو تڏهن ۽ اتي پاڻ کي هن جو حصو محسوس ڪيم. افسوس! نواب شاهه ۾ يعني ساڳئي شهر ۾ هوندي به يا ساڳئي شهر جي آس پاس هوندي به مان ماڻڪ کي ڏسي نه سگهيس.

۽ اڪثر انهن دوستن کان جن جي ماڻڪ سان ملاقات هئي، پڇندو رهيو آهيان "يار سارنگ سهتا، ماڻڪ ڏسڻ ۾ ڪيئن لڳندو هو؟ ڳالهائڻ ۽ ملڻ جو انداز

Gul Hayat Institute

ڪيئن هئس؟"

"سائين مير محمد پيرزادا. اوهان ٻڌايو اوهان سان ڪچهرين ۾ ماڻڪ ڪهڙيون ڳالهيون ڪندو هو؟"

۽ سائين مير محمد ٿڌو ساهه کڻي ٻڌائڻ لڳندو. "يار هو ڪچهرين ۾ گهڻو ڪري خاموش رهندو هو. گهٽ ڳالهائيندو هو... تمام گهڻو مطالعو ۽ شعوري سگهه سان مالا مال هو.... گهڻو ٻڌندڙ ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ هو."

مان ڪنهن ننڍڙي ٻار جيئان تجسس، خوشي ۽ پيار سان ماڻڪ بابت ڳالهيون ٻڌڻ لڳندس!

پر هي ڇا؟ مان ماڻڪ بابت ٻڌندي، سوچيندي ۽ ڳالهائيندي آخر ٻار ڇو ٻڻجي پوندو آهيان؟

ڇو جو ماڻڪ جهڙي جينئس افسانه نگار ۽ ناولسٽ جي سامهون آئون آهيان به ته هڪڙو ٻار!

دوستن واتان اڪثر ٻڌڻ ۾ پيو ايندو هو ته ماڻڪ جو هڪڙو پٽ به آهي. علي احمد نالو اٿس، وڏي ڏاڙهي وارو باغي پٽ، جنهن کي ماڻڪ کان چڙ آهي. جنهن کي پيءُ تي ڪاوڙ آهي، جيڪو پيءُ جي ادبي حيثيت تي ناراض آهي... وغيره وغيره.... ڪجهه دوستن ته ايترو به چيو پئي ته ماڻڪ جي مولوي پٽ پنهنجي پيءُ جا فوٽا به ساڙي ڇڏيا آهن... هو فوٽا گهر ۾ رکڻ کي بدعت تو پائين... وغيره وغيره...! پر پوءِ به الاءِ ڇو مون ساڻس ملڻ ٿي چاهيو!

مون پنهنجي محبوب ليکڪ جي پٽ کي ڏسڻ ٿي چاهيو.

جڻ ماڻڪ کي نه ڏسي سگهڻ جي ڪمي پوري ڪرڻ ٿي چاهيم. پر ماڻڪ جي پٽ سان ملڻ به شايد سولو نه هو.

هن جي صحبت الڳ هئي!

هن جو اٿڻ ويهڻ جدا هو.

هن جو سنڌي ادب ۽ اديبن سان ڪوئي تعلق نه هو.

ادبي پروگرامن (اردو توڙي سنڌي) ۾ هن جو اچڻ امڪان کان ٻاهر هو.

مان به شايد هن سان ملڻ جو آسرو ذري گهٽ لاهي ويٺس. شايد اها ڪنهن سياري جي شام هئي! آئون شهر مان موتي ڪالوني ڏي ايندي رستي ۾

Gul Hayat Institute

پنهنجي پياري دوست نديم پٺيءَ جي گهر وٽان پئي گذريس تہ نديم ڪي نمر جي پرسان ڪنهن باريش نوجوان سان بيٺل ڏٺم. پنهين سان مليس... دعا سلام ٿي، اوچتو نديم جي اکين ۾ چمڪ ۽ چپن تي دلربا مرڪ ڦهلجندي وئي.... "منورا هن دوست کي سڃاڻين ٿو؟" نديم جي مرڪندڙ چپن چيو.

"نہ يار"

"هي پاڻ واري منير ماٽڪ جو پٽ علي احمد آهي."

نديم جو جملو ٻڌندي ئي منهنجي چپن مان بي اختيار هڪ جملو اپريو. "اڙي... يارا.... توهان.... ماءِ گاڊ!، ۽ مون ڀيو پيرو ان دوست کي پاڪر ۾ پري ورتو... ۽ دير تائين ڪيس پاڪر جي گهيري ۾ گهيري رکيو..... جڻ ماٽڪ منير کي پاڪر پاتو هجيم.... ماٽڪ جو جسم.... ماٽڪ جو وجود..... ماٽڪ جي خوشبو.... ماٽڪ جي اداسي..... ماٽڪ جو ڏک...... ماٽڪ جو حادثو..... الا!...... ماٽڪ جا نيڻ..... ماٽڪ جا هٿ! ماٽڪ جي ڇاتي!! ان پاڪر جو گهيرو وسيع ٿي ويو...... سياري جي ان اداس شام کان نومبر جي هن صبح تائين سڀ موسمون انهيءَ پاڪر جي گهيري ۾ آهن.

ان شام کان وٺي اسان جون ملاقاتون ۽ مختصر توڙي طويل ڪچهريون شروع ٿيون ۽ اڃان جاري آهن.

مون محسوس ڪيو تہ علي احمد جنهن کي مان پيار مان علي پائي سڏيندو آهيان ڏاڍو حساس، انتهائي ذهين ۽ شاندار ماڻهو آهي. برابر هو پيءُ وانگر ناولسٽ ڪونهي، ڪهاڻيڪار ڪونهي پر هو پيءُ وانگر حساس آهي! بي حد حساس! هن جي اکين ۾ ماٽڪ جي خودڪشي وارو حادثو هر وقت اٽڪيل آهي. هن جو اندر زخمي زخمي آهي، پيءُ جي پيار، شفقت ۽ موجودگيءَ کان محروميءَ جو ڏک هن جي ذات جو وڏي ۾ وڏو ڏک آهي. ان ڏک، ان حادثي ۽ اڪيلائي سندس شخصيت کي Disturb ڪري ڇڏيو آهي! هن کي جيڪا پنهنجي پيءُ تي ڪاوڙ آهي اها ڪاوڙ سنڌ جي مشهور ليکڪ ماٽڪ منير تي نہ آهي پر پنهنجي پيءُ تي آهي... پنهنجي بابا تي آهي. اها ڪاوڙ دراصل ڏک آهي. ڏوراپو آهي، لڙڪ آهي، سڏڪو آهي. پنجن سالن جي ٻنهہ ننڍڙي ڄمار ۾ پيءُ جي ڇانءَ کان محرومي ڏني وڃڻ جو ڏک تمام وڏو ڏک آهي. هن جي دل ۾ ماٽڪ منير نالي مشهور ليکڪ کان

وڏيڪ پنهنجي پيءُ جي اهميت آهي. هجي به چونه! هن جي ڪاوڙ هن جي شڪايت هن جو ردعمل Justified آهي! ۽ بهرحال ڪاوڙ جي هوندي هن جي دل جي ڪنڊ ۾ پيءُ ماءُ لاءِ بي پناهه پيار آهي. اهو پيار مون ڪوڙ دفعا سندس اداس اکين مان ليئا پائيندي ڏٺو آهي.

هي علي پائي جو نظم آهي.

یہ سانجھ کا سمہ
یہ سمندر کی شور مچاتی لہریں
یہ سرخ انگارے سا ڈوبتا سورج
یہ مجھے اپنی طرف بلاتے ہیں
سرگوشی کرتے ہیں میرے کان میں
لوگوں نے تمہیں تنہا کر دیا تو کیا ہوا!
آؤ ہم تمہیں اپنی باہنوں میں تھام لیں،
شاید کہ سورج کی تپش سے تمہارے داغ دھل جائیں،
تمہارے پیشانی بے داغ ہو جائے،
یہ سمندر کا نمکین پانی تمہیں پوتر کردے،
کہ شاید ہم اچھے دوست بن جائیں،
اور تمہارا کرب اپنے اندر سمولیں،
سکھ کے رشتے سے دکھ کے رشتے مضبوط ہوتے ہیں
ہم ملکر دونوں رشتے نبھائینگے،
اور جہاں ہم سب الزامات اور تہمتوں سے
ہمیشہ کے لئے آزاد ہو جائینگے۔

Gul Hayat Institute

۽ رڳو هيءُ هڪڙو نظم ئي نه هن ڪوڙ نظم لکيا آهن ۽ هن جو هر نظم
جڻ باهه جو ٻرندڙ شعلو آهي.

هن جي اندر ۾ مسلسل هڪ شعلو ٻري رهيو آهي. دنيا جي خوبصورت

ناولسٽ پائلو ڪوهئلو پنهنجي ذاتي تجربن تي مشتمل ڪتاب Like she flowing river ۾ هڪ جاءِ تي لکيو آهي:

"Every human being should keep alive within them the sacred flame of madness, but should behave as a normal person."

يعني: هر انسان کي پنهنجي اندر ۾ پاڳلپڻي / ديوانگي جو هڪ مقدس شعلو زنده رکڻ گهرجي، البت سندس رويو متناسب هجڻ گهرجي.

سو ماڻڪ کان جيڪو ديوانگيءَ جي آڳ جو شعلو سندس پٽ علي پائي جي سيني تائين پهتو آهي اهو واقعي به ڏاڍو مقدس آهي.... پڪ سان ان شعلي جي هوندي به ماڻڪ جو ماڻهن سان رويو اهڙو ئي نارمل هوندو. جهڙو علي پائي جو آهي.... ها پر Abnormality ۽ Normality جي وچ ۾ توازن قائم رکندي رکندي اڪثر ماڻهو پاڻ مقدس باهه جي شعلي ۾ سڙي رک به ٿي ويندا آهن. جيئن ماڻڪ ٿي ويو.... جنهن دنيا جا ٻيا ڪيئي ديوانا روح ٿيندا رهيا آهن. ماڻڪ جي خودڪشي بلڪ هر آرٽسٽ جي خودڪشي بلڪ هر ماڻهوءَ جي خودڪشي دراصل خودڪشي نه آهي پر قتل آهي، بي حس سماج طرفان قتل.... بي پرواهه رياست طرفان قتل.

ڪوئي آهي جيڪو ڪنهن ڪورٽ ۾ ڪڏهن انهن قاتلن تي ڪوئي ڪيس داخل ڪري؟

هڪ ڏينهن پنهنجي اندر ۾ آڳ جو شعلو ۽ اکين ۾ هڪ اڻ وسرندڙ حادثي جو ڏک کڻي جيئندڙ منهنجو دوست علي پائي مون وٽ آيو. ان ڏينهن سندس هٿ ۾ هڪڙو پراڻو بريف ڪيس هو. بريف ڪيس منهنجي سامهون رکندي چيائين، "منور هي توهان جي ماڻڪ منير جو بريف ڪيس آهي، جنهن ۾ سندس ڪجهه ڪتاب، ڪاغذ، خط ۽ مضمون وغيره آهن. هي بريف ڪيس ماڻڪ جي خودڪشيءَ کان وٺي امان سنڀاليو آهي. اڄ هي بريف ڪيس مان توو وٽ کڻي آيو آهيان.... جو امان ۽ مان سمجهون ٿا ته ماڻڪ جي هن بريف ڪيس جو حقيقي وارث منور سراج آهي."

۽ مان حيرت ۽ خوشيءَ جي احساس ۾ پرجي ويس.

خودڪشيءَ جهڙي معصوم احتجاج سان هن بيمار سماج کان منهن

موڙي ويل ڪنهن پويٽ جهڙو روح رکندڙ آرٽسٽ جي بريف ڪيس جو وارث ٿيڻ ڪان وڏو پلا ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي ٿو سگهي؟ ها. ماڻهوءَ کي خوابن تان دستبردار نہ ٿيڻ گهرجي. مڪمل جنون ۽ سچائيءَ سان ڏٺل خواب ڪڏهن ڪڏهن ضرور ساپيان جي دهليز تي پهچندا آهن.

بريف ڪيس ۾ ماٹڪ جي هٿن جي خوشبوءَ هئي، اُها خوشبو جنهنجي مون کي ڳولا هئي. ۽ اُهو ڇهاءُ جنهنجو منهنجي اکين ۾ خواب هو. سو ڇهاءُ بريف ڪيس جي هر خاني ۾ موجود هو.

”علي تنهنجي مهرباني جو هن سڄي شهر ۾ توهان مون کي ئي ماٹڪ جي خوابن جو وارث چونديو.“ مون اهو جملو ان شخص کي چيو جيڪو پنجن سالن جي عمر کان اداسي جي علامت بڻيل هو. جنهن کي چاچن مامن وٽان ڪنهن بہ پيءُ واري آسيس نہ ملي هئي. جنهنجي ماءُ ڪيس پيءُ ٻنهي جو پيار ڏيڻ جي باوجود بہ پيءُ جي ڪمي پوري نہ ڪري سگهي هئي.

مون گهر اچي بريف ڪيس کوليو.

بريف ڪيس ۾ عجيب خوشبو هئي.

خوابن جي خوشبو.

محبت جي خوشبو.

سڪل گلابن جي خوشبو.

گذري ويل موسمن جي خوشبو.

اکين ۾ رهجي ويل ڪنهن شام جي خوشبو.

Gul Hayat Institute

خودڪشيءَ جي خوشبو.

جدائي جي خوشبو ۽ زندگيءَ سان پاڙجي نہ سگهيل هڪ واعدي جي خوشبو.

(هڪ ڏينهن منهنجي هٿ ۾ قرت العين حيدر جو ناول ”آگ کا دريا“ ڏسي عليءَ ٻڌايو هو تہ ”منور“ امان ٻڌائيندي آهي تہ شادي جي پهرين رات تنهنجي پيءُ مون کان پهريون دفعو جنهن ناول بابت پڇيو هو اهو ”آگ کا دريا“ هو. ۽ ان رات امان دير تائين ”آگ کا دريا“ تي ڪچهري ڪئي هئي.)

بريف ڪيس ۾ ٻين انيڪ ناولن جي خوشبوءَ سان گڏ ”آگ کا دريا“ جي

خوشبو بہ هئي! شايد ماڻڪ جي شاديءَ جي پهرين رات ٿي آگ ڪا دريا جي خوشبو بہ سهاڳ جي خوشبوءَ سان گڏ بريف ڪيس ۾ بند ٿي وئي هئي!

مان هڪ هڪ ڪري بريف ڪيس جي قديم غار مان گلن جي خوشبوءَ ۾ ڳنڍيل شيون ڪڍڻ لڳس.

- ساھ مٺ ۾ ۽ لڙهندڙ نسل جو مسودو (ماڻڪ جي اکرن جي خوشبو اڃان تازي آهي.)
- هڪ عدد هڪ رپئي جو نوٽ. جيڪو هاڻي (Date expire) ٿي چڪو آهي.
- سيد شاھ محمد شاھ ڏي ڄامشورو موڪليل ڪنهن خط جي ٽپال ڪاٽي واري رسيد. رسيد نمبر 171. تاريخ 21 جنوري. سال چٽو نظر نہ ٿو اچي.
- آگم پبليڪيشن ڪان نثار صاحب جو هڪڙو خط. ادا، ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ تہ في الحال اهڙي خالي جاءِ منهنجي نظر ۾ آهي ٿي ڪان. ها باقي شاھ محمد شاھ چاهيندو تہ ڪري سگهندو..... وغيره وغيره. تاريخ 24.05.1981.
- ڪراچيءَ مان عزيز سنڌي جو خط.
- مير جو خط
- رياض پائي ڏي منير جو خط
- ڊاڪٽر محمد سليمان جو خط
- نصير مرزا جو خط
- عزيز سنڌيءَ جو خط
- ڪنهن مئگزين ۾ ڇپيل ماڻڪ جي ڪهاڻي "سونهان اڻ سونهان".
- ماڻڪ جو وزيٽنگ ڪارڊ.
- ماڻڪ جو اڻ ڇپيل ناوليٽ "پڇتاءُ"
- ماڻڪ جي هڪ بي نام ڪهاڻي.
- هڪ عدد ڪارو پراڻو پلاسٽڪ جو بٽون ۽ بس...!!
- ۽ ها سچي هڪ عدد هڪ اخباري ڪٽنگ. (منير ماڻڪ سنڌي ادب ۾ نون تجربن جو خالق آهي.

Gul Hayat Institute

هو انتهائي حساس فرد هو سندس لکڻيون اجتماعي احساس جو اولڙو آهن.)
(ساس نوابشاهه طرفان ڪرايل ورڪشاپ ۾ مير ٽيهي، نثار حسيني ۽ ٻين جا ويچار.)

۽ بريفڪ ڪيس ۾ بند رهجي ويل نومبر جي شام جهڙي هڪ خاموش، اڪيلي ۽ اداس شام

ماڻڪ جي بريفڪ ڪيس جي وارثيءَ منهنجي خوشي ۽ اداسي ٻيڻي ڪري ڇڏي آهي.

نومبر جي ئي ڪنهن ڏينهن پياري ممتاز بخاريءَ فون ڪري ماڻڪ جو ناوليٽ "پڇتاءُ" ڇپائڻ جو ذڪر ڪيو. منهنجي اداسيءَ جا گهاٽا ڪارا ڪڪر چانديءَ جي مختصر ترين بوندن ۾ بدلجڻ لڳا. ۽ پڪ سان ماڻڪ جو ناوليٽ توهانجي هٿن تائين پهچندو ته منهنجي دل جي آسمان تي ست رنگي انڊلٺ اڀري چڪي هوندي.

مان اوهان وانگر ماڻڪ جي پڙهندڙ طور هي ناوليٽ ڇپجندي ڏسي تمام گهڻو خوش آهيان.....

مون کي به اوهان وانگر ماڻڪ کي پڙهندي شدت سان محسوس ٿيندو آهي ته هر بندرو ماڻهو پاڻ کان وڌيڪ بندرو ماڻهو ڏسي پاڻ کي قدآور ماڻهو سمجهي خوش ٿيندو آهي ۽ هر ڏکو ماڻهو پاڻ کان وڌيڪ ڏکو ماڻهو ڏسي پاڻ کي بندرو سمجهي پريشان ٿيندو آهي..... پر سچ بهرحال هر حال ۾ سچ ئي هوندو آهي.

Gul Hayat Institute

منور سراج
نومبر جي شام
2013ع
نواب شاهه
(ماڻڪ جو نه هوندي به
ماڻڪ جو شهر)

# پچتاۓ

(ناولیت)

Gul Hayat Institute

مون کي پڪ هئي تہ اوهان مون کان اهو سوال ضرور پڇندئو. سچ پچ تہ مان جڏهن ان سوال جي اوسيئڙي ۾ هوس. هيءَ تہ عام فهم جي ڳالهہ آهي، هتي ڪئين اينديڙ کان پڇيو وڃي: ڏوهہ؟ سو اوهان صحيح ٻڌو آهي تہ مون پنهنجي نوجوان ۽ سهڻي زال جو خون ڪيو آهي. باقي اهو سوال تہ مون اهو خون ڇو ڪيو. ان جو سڌو سنئون ۽ سچو جواب آهي: ڇاڪاڻ تہ اسان جو اهڙي قسم جو انجام ڪيل هو. ٻن زندگين جو رضا خوشيءَ سان ناهہ ۽ فيصلو تہ اسين هڪ ٻئي کي ماري ڇڏيون. اهو اسان جي پنهنجي ذات تي؛ ذاتي اختيار جو استعمال هو. پنهنجي ارادي جو. ٻين لفظن ۾ پنهنجي آزاديءَ جو. ذات جي آزاديءَ جي حق هيٺ اهڙو اختيار تہ هئڻ گهرجي تہ اسين پنهنجي ذات جي آزادي جي باري ۾ ڪهڙي بہ قسم جو فيصلو ڪري سگهون. سو سائين، اسان رضا خوشيءَ سان هڪ ٻئي کي مارڻ جو فيصلو ڪيو. پڌرو آهي تہ انهيءَ سان ڪنهن ٽئين فرد تي اثر نٿي پيو. تہ ڇا اها بي انصافي ناهي تہ ڪو پنهنجي مرضيءَ سان مري بہ نٿو سگهي. جيتوڻيڪ اهو بہ انصاف کان ٻاهر آهي تہ ڪنهنجي مرضيءَ کانسواءِ ڪنهن کي زندگي ڏني وڃي. خير. اوهان ائين سمجهندا هوندا تہ مان پنهنجي بيان کي اهڙي ڍنگ سان پيش ڪري پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. پر نہ. مان سمجهان ٿو تہ انسان کي پنهنجي باري ۾ بهرحال ايماندار هئڻ گهرجي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پنهنجو پاڻ سان بہ ايماندار رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

مان مڃان ٿو، ڏوهي آهيان. خون جي الزام هيٺ نہ پر، پر خون ۾ ويساهہ گهاتي ڪرڻ جي ڏوهہ هيٺ. ها، مان ورجايان ٿو، مون مارڻ جي ناهہ جي ڀڃڪڙي ڪري، ڪپت ڪئي آهي ۽ ان ويساهہ گهاتيءَ جو ڏوهاري آهيان. ڇاڪاڻ تہ مون کي مارڻ کانپوءِ، رضا خوشيءَ سان ڪيل فيصلي ۽ ناهہ پٽاندڙ مون کي پنهنجو پاڻ کي مارڻو هو. پر مون پنهنجو پاڻ کي ڇڏي ڏنو. پاڻ سان موهہ جي ڪمزوري ۽ ان ڪري گيدي پڻو؟ اڃا ڪنهن نتيجي تي پهچي نہ سگهيو آهيان.

جڳ ۾ ڪيترا عمل ڪارڻ ڪانسواءِ لڳندا آهن. ها ڪارڻ ڪانسواءِ (عمل ته انسان ئي ڪندو آهي، جنهن جي پٺيان ذهن جي سگهه ۽ توانائيءَ جو وهڪرو هوندو آهي. منهنجو مطلب آهي انساني عمل) عجيب ۽ ويساهه ۾ نه ايندڙ عمل پر ڇا ٿو ڪري سگهجي. سواءِ عجب ڪائڻ جي. ڀلا جي اسين تن جو ويساهه نه ڪنداسين ۽ انڪار ڪنداسين ته انهن جي ڪارڻ جي حقيقت _ جنهنجو پنهنجي جاءِ تي اٽل ۽ ٺوس وجود هوندو آهي _اسان جي انڪار سان ختم ٿي ويندو؟ در اصل دنيا ته اڃان نا مڪمل آهي ئي. انسان به نا مڪمل آهي. انسان جي ڄاڻ نا مڪمل آهي. ۽ انجو ادراڪ ۽ ساڃهه به. انسانيت. اڻ تڪميل ٿيندڙ سلسلو آهي. سچ پچ انهيءَ واقعي ڪانپوءِ ئي مون کي ويساهه ٿيو ته مان جيئرو جاڳندو جيو آهيان. انسان جي روپ ۾. اڳ مئل هئس. ۽ نتيجي تي پهتس ته چرندڙ پرندڙ انسان به مئل هوندا آهن. جيئري هجڻ ۽ مئل هجڻ ۾ فرق آهي ته اهو ئي: ڪي گهڙيون آهن، جيڪي واقعن جي روپ ۾ پڌريون ٿيون ٿيون ۽ روح جي گهراين ۾ پهچي سڄي وجود کي جنجهوڙين ٿيون ۽ جيئري هجڻ جو احساس ڏيارين ٿيون، اهو ئي ڪارڻ آهي جو مان وري وري، انهن گهڙين کي ماڻڻ لاءِ ڦٿڪندو، لڇندو ۽ ڦٿڪندو رهيس.

جيءَ؟

ها. اصل ۾ مان تصور ڪندي حياتيءَ جي انهن ڀرپور تڪميل وارين گهڙين مان لطف وٺي رهيو هوس. مان زندگي جون اهي گهڙيون ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. ڪڏهن به نه. مان ائين چوندس ته مون زندگي رڳو انهن گهڙين ۾ ماڻي آهي. باقي حياتي بي جان لڳيم ٿي. مثل ان رات مون تي پهريون ڀيرو پڌرو ٿيو ته ڪنهن ويران هنڌ تي. چاندوڪيءَ جي ڦهليل حسن ۽ نويڪلائيءَ ۾. سنگم ڪيڏو نه...... مون کي لفظ نٿا ملن ۽ تزاڪر نٿا ملن جن سان، ان احساس ۽ ماتيل گهڙين جي لست کي نروار ڪري سگهان. بس اوهان کي ڇا ٻڌايان، انهن گهڙين ۾ حياتيءَ جو سمورو حسن هو. لذت جي انتها هئي ۽ جمالياتي اُڃ جي تڪميل جو معراج هو. جنهن کان مان اڻ ڄاڻ هوس. ها. اهي گهڙيون، جيڪي ادراڪ کان مٿي، ساڃهه اظهار کان لاچار. رڳو ماڻڻ جي ڀرپور تڪميل تائين محدود آهن. ممڪن آهي اوهان چئو: هيءَ ته ڪو شاعرانو خيال آهي. خيام جي رباعي جو ڪو مرڪزي خيال.

Gul Hayat Institute

جيڪو ظاهر آهي. اوهان جي آڏو شاعر جي ماليخوليائي ذهن جي منجهيل خواهش جو چرپائپ وارو اظهار ٿي سگهي ٿو. پر نہ. يارو. نہ. هيءَ حقيقت آهي. اهڙي حقيقت جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن مون کي بہ اعتبار نہ ايندو آهي ۽ خواب جو اولڙو لڳندو آهي. پر بي حسي جي انهن اڻ وڻندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ يادگيرين ڪانپوءِ. ماٺيل گهڙين جو اهو احساس. جيڪو منهنجي روح ۾ رچي ويو آهي. سو شاهدي ڏيندو آهي تہ نہ. اهو سچ هو. بلڪل ساپيان. تڏهن مان ان رات جي واقعن تي ۽ ان رات کان پوءِ. ٻين راتين تي چيد واري اک وجهي ڪارڻ ڦولهڻ جي جاکوڙ ڪندو آهيان. نتيجي ۾ ان راءِ تي پهچندو آهيان تہ اهو سڀ ڪجهہ اَڪارڻ. پاڻمرادو ٿيندو رهيو.

ان ڪري مان چوان ٿو جهڙي ريت چيو وڃي ٿو تہ هر عمل يا واقعي جو ڪارڻ ۽ نتيجو هوندو آهي ۽ هر نتيجي پنيان ڪو يا ڪي ڪارڻ. پر جڳ جيون جون اڪثر حقيقتون جڻ تہ اَڪارڻ تي ٻڌل هونديون آهن. ويني ويني اوهانجو موڊ آف ٿي وڃي. اوچتو سخت بوريت. بي بيزاري ۽ بيچيني. ڪڏهن اوچتو خوشي. ڪا اڻ لکي خوشي. يا ڪڏهن پاڻ کي يا ڪنهن کي مارڻ جي ڀرپور خواهش. ڪارڻ؟ اوهان ڄاڻي نٿا سگهو. اها ٻي ڳالهہ آهي جو اوهان سوشالاجيڪلي/ سائڪالاجيڪلي يا ٻين ڄاڻن جي گهڙيل اصولن/ مفروضن/ قياسن/چوڻين جي فٽ پٽين سان ڪارڻ نهڪائي پيش ڪيو. يا انهن اوچتين ڪيفيتن لاءِ لا شعور جي ڪا ڪارستاني سمجهي: ماضي جي ڪندرن ۾ دٻيل خواهشن جي ڍير ۾ ڪارڻ ڦولهيو. پر اهي قياس هوندا. قياس ۽ اٽل حقيقت ۾ تہ فرق آهي نہ. (قياسن ۽ نظرين انسان ۽ انسان سان لاڳاپيل شين جي اصليت بگاڙي ڇڏي آهي.) اوهان خود ئي سمجهي سگهو ٿا. يا اوهان چوندئو تہ اهي ڪيفيتون شهري زندگي ۽ مشيني تهذيب جون سوکڙيون آهن. پر جڏهن پيٽائي. سچل يا ڪو. اوچتو ڪنهن مخصوص ڪيفيت ۾ اچي شعر چوندو هو. جيڪو نارمل حالتن ۾ چئي نٿي سگهيو. اهو ڇا آهي؟ اوهان سن کي چوندا تہ اهو وجدان آهي. يا ڪي الهام يا ڏات. پر وجدان مخصوص ڪيفيت تہ ٿي سگهي ٿو. ڪارڻ نہ. وجدان بذات خود اَڪارڻ روپ آهي. اظهار جو. مان اوهان کي پنهنجوئي مثال پيش ڪيان ٿو. پنهنجي زندگيءَ جي روشنيءَ ۾ جڏهن مان پنهنجي هن ڪٿا جي پڄاڻي تي پهچندس تہ اوهان پاڻ ئي

Gul Hayat Institute

آڪارڻ جو لباس ويڙهيو وڃي. هر آدرش کي شڪي نگاهه سان ڏسي، اجائي جاکوڙ ڪرڻ بجاءِ زندگي جي بي معنائيءَ ۾ پناهه ورتي وڃي.

ڪيئن؟ بي معنائيءَ جي سوچ جو هيءُ انداز بہ لاجواب آهي نہ؟ ۽ انهيءَ ڪان وڌيڪ دلچسپ: جو زندگيءَ کي بي معنيٰ ۽ لاحاصل سمجهندي بہ، سرت رکندي بہ ۽ محسوس ڪندي بہ، جيئرو رهڻ لاءِ جستجو ڪرڻ! ڇا هيءُ انتهائي پوائنٽو ايڊوينچر ناهي؟ جي ماڻهو زندگيءَ جي بي معنائيءَ جي مسرت ۽ ان جو شديد احساس رکندي بہ، زنده رهن ٿا، جيئري رهڻ جي آس رکن ٿا. پاڻ پتوڙين ٿا ۽ پيڙا پوڳيندا رهن ٿا. ان پيڙا مان ماڻيندا رهن ٿا، اهي احمق تہ آهن، پر سرويچ ۽ همٿ وارا بہ.

ڪي نہ؟

منجهيل منجهيل، سڀ ڪجهہ منجهيل.

اوهہ! معاف ڪجو، پانيان تو اوهان ڪِڪ ٿي رهيا آهيو. ڪِڪ ٿيڻ جو سبب بہ آهي. مان پاڻمرادو ڪتان جو ڪتي وڃي نڪتس. مون کي اوهان جي احساسن جو قدر آهي. مان سمجهان ٿو تہ اوهان وڌيڪ پتاڙ پڌڻ بدران اهو چاهيندا هوندا تہ سڌو سنئون قصو ٻڌايان. جنهن باري ۾ مان اوهان کي ٻڌائي چڪو آهيان تہ اسان جو اهڙو رضا خوشيءَ سان ناهہ ٿيل هو. البتہ مون هن کي چو قتل ڪيو جنهن باري ۾ مون کي هن جو احساس آهي تہ اوهان اهو ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ اسان جا لاڳاپا ڪهڙي قسم جا ها ۽ اهڙي قسم جا تفصيل اوهان جي تجسس جي اها ئي تقاضا آهي. پر هنن حالتن هيٺ، جڏهن تہ مون کي يقين آهي، ڪيس پوري ٿيڻ ڪانپوءِ مون کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويندو. جو مون پاڻ ئي اهڙي خون جو مجيو آهي. تڏهن هي منهنجي زندگيءَ جون پويون گهڙيون آهن ۽ منهنجي دلي خواهش آهي تہ اوهان کي پنهنجي زندگي جو هيءُ داستان اهڙي ريت ٻڌايان، جيئن مان چاهيان ٿو، ڪاموءَ جي لفظن ۾. هر انسان وانگر مان بہ پنهنجن خواهشن جو غلام آهيان. ان ڪري، مون کي پنهنجي خواهش جي تڪميل ڪرڻ ڏيو تہ ـــ اصل ۾ مان چاهيان ٿو تہ اوهان هيءُ واقعياتي ڍانچي ۾، اندر روح کي محسوس ڪيو. هونئن بہ مان صاف

خلق کي ڪارائي جنت ۾ جڳهه الاٽ ڪرائيندا آهن... ها، سو ڳالهه پئي هلي عورت جي: ادا، هڪ ڪان ته چار زالون ۽ وڌيڪ ٻانهيون شريعت پٽاندڙ رکي سگهو ٿا. هن شرط سان ته سڀني سان انصاف ڪري سگهو. هڪ ديندار مسلمان لاءِ اهڙو انصاف ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪا نه آهي. جيڪڏهن انساني ايجاد جهاز ۾ حج جو فرض ادا ڪرڻ جائز آهي ته پوءِ، ڪشتن، معجونن، ڪيپسولن وسيلي اهڙو انصاف ڪرڻ به جائز ٿيو نه! ان ڪري ديندارن لاءِ عورتن سان بي انصافي جو ته سوال ئي پيدا ڪو نه ٿو ٿئي. سنڌ جا وڏيرا، پير، مير ۽ مولوي هِن ڏِسَ ۾ ته ڪڏهن به بي انصافي نه ڪندا آهن. نيٺ اهري ريت اسلام ۾ اسلامي انصاف جون تقاضائون ته پوريون ڪرڻيون آهن نه! پوءِ جنهن کي الله ايمان جي دولت ڏئي

اوهان ڪلو پيا، بهرحال، چانهه سان گڏوگڏ مان اوهان کي ٿورڙن اکرن ۾ پنهنجي باري ۾ ٻڌايان ٿو: منهنجو بابو سائين تر جو چڱو چوکو زميندار هو. مان سندس هڪ ئي پٽ ۽ اولاد هيس. بابي ٻه شاديون ڪيون هيون. مان پهرينءَ مان هيو مانس. ٻيءَ مان ڪيس ڪو به اولاد ڪو نه ٿيو. هن ٻي شادي بظاهر ته عشق ۾ ڦاسي ڪئي هئي، (ها، اسلامي انصاف ڪرڻ لاءِ)، پر اصل ۾ مامرو دولت جو هو. منهنجي ماٽيلي ماءُ کي ورثي ۾ ڳچ پلي زمين مليل هئي. ٻي شادي ڪرڻ ڪانپوءِ بابي، امان جو خيال بنهه لاهي ڇڏيو. گهر ۾ ماسيءَ، يعني منهنجي ماٽيلي ماءُ جو راڄ هلندو هو. هوءَ مڪار، ڪتي جي ڏيءَ، ڪميڻي، ڪربل طبيعت جي ۽ وانرادي عورت هئي. بابو سندس هٿن ۾ ڪينهوڙو هو. هوءَ امان سان عقوبتون ڪندي هئي. (جيڪي هڪ پهاج کي ڪرڻ گهرجن.) امان پنهنجي گهر ۾ ڌاري هئي. ظاهر آهي ته مان پاڻ کي ائين سجهندو هوس، جو مون کي امڙ سان انس هو. جڏهن منهنجي نڳي ماءُ امان کي طعنا ڏيندي هئي. چِڙبيندي هئي يا ڪيس ذهني عذاب ڏيڻ لاءِ ڪو مڪاريءَ جو ناٽڪ رچائيندي هئي ۽ بابو يا ته خاموش ٿي ناٽڪ ڏسندو هو يا هن مڪار عورت جو بدر وڻندو هو ته مون کي مٿس سخت نفرت پري ڪاوڙ ايندي هئي.

بنهي عورتن جي وچ ۾ جهيڙي جو ڪارڻ مان به هوس. اهو هيئنءَ ته: بابي جو مان اڪيلو پٽ ۽ اولاد هوس ۽ پهرين زال مان منهنجي نڳي ماءُ کي ڪنهن زناني بيماريءَ ڪارڻ اولاد نٿي ٿيو. ڊاڪٽرن کان وٺي پيرن فقيرن ۽ قبرن تائين

Gul Hayat Institute

جتيون گسايائين، ڪجهه نہ وريس. نتيجي ۾ انهيءَ انديشي ۽ يقين هيٺ تہ سڄي ملڪيت جو وارث سندس پهاڄ جو پٽ ٿيندو تہ هوءَ وقت بوقت جهيڙي ۾ اندر جي باهہ وچان مون کي نشانو ناهيندي هئي. انسان جڏهن ذليل ٿيڻ تي اچي ٿو تہ پوءِ سندس لاءِ ڪا حد مقرر ٿيل ئي ڪا نہ آهي.

۽ جڏهن امان نويڪلائيءَ ۾ پنهنجي منهن روئيندي هئي تہ مان بہ سندس هنج ۾ منهن وجهي روئيندو هوس ۽ پوءِ سندس ڇاتيءَ ۾ منهن وجهي پئجي رهندو هوس. ائين سمهڻ ۾ مون کي ڏاڍي لذت ملندي هئي ۽ هڪ قسم جي اهڙي روحاني آسيس، جنهن جو ذڪر مان بيان ڪري نٿو سگهان ۽ خاص ڪري روئي بس ڪرڻ کانپوءِ هڪ عجيب قسم جي هلڪائي ۽ ... ۽ ... احساس، جنهن کي مان لفظن جي ڪوزڪيءَ ۾ ڦاسائي نٿو سگهان. هينئر بہ منهنجي ذهن ۾ اهڙي قسم جو ڏيک جڻ ٽِڪَ ٻڌي بيٺو آهي ۽ بوءِ...... سندس جسم مان ايندڙ پگهر جي مخصوص بوءِ. منهنجن نا سن مان اندر گهڙي روح جي گهرائيءَ ۾ ڦهلجي رهي آهي ۽ ململ جي چولي هيٺان سندس ٿڃَ جن کي پڪڙي مان هيٺ مٿي ڪري کيڏندو هوس ۽ پاسيرو ڦِرو رکي سمهي پوندو هوس. شايد ڄمار آهر لاشعوري طور سائنس منهنجي همدرديءَ جو اظهار هو ۽ پوءِ هوءَ جڏهن مون کي پنهنجي مقدس پاڪر ۾ ڀڃي ڇڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هلڪين ٿڦڪين سان الاهوءَ جي سريلي لوليءَ ۾ مامتا جو منوءِ لا زوال قرب ڀري ننڊ جي سندر واديءَ ۾ موڪلي ڇڏيندي هئي. عام طور خدا ۽ مامتا جي تصور جي ڀيٽ ڪندي، مون کي نتيجو ڪڍڻو پوندو آهي تہ: خدا کان وڌيڪ مون کي مامتا جو پڙ ڳرو لڳندو آهي. خدا جي خاصيتن ۾ رحيم سان گڏ قهار بہ آهي تہ جبار بہ. پر ماءُ رڳو رحيم ئي رحيم آهي. جبر ۽ قهر تہ وٽس ناني جو بہ نہ آهي. يا مان غلط ٿو چوان؟

ها دوستو، اهڙي ريت ئي _ همدردي ڪرڻ ۽ ان ريت سندس ڏک ۾ شامل ٿيڻ کانسواءِ مان سندس لاءِ ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس. سواءِ ان جي تہ مان بہ سندس وانگر ڪڏهن اڪيلائيءَ جو سهارو وٺان. يا اڪيلائيءَ ۾ پناهہ وٺان. پر هينئن چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو تہ ڪا ڀرپور خواهش / ڇڪ مون کي اڪيلائي جي اوڙاهہ ۾ ڌڪيندي هئي ۽ مان ڇڪجي ويس.

اڪيلو! ڪيڏو نہ اڪيلو! اوھ!

خير. اڪيلائيءَ سوچ ڏنم. ۽ سوچ پنھنجي وجود جو احساس. تہ مان بہ آھيان. موجود. ۽ اھو مان آھيان. انھيءَ پاڻ_ آگاھيءَ سوال ڏنم. پنھنجي ھستيءَ سان لاڳاپو رکندڙ: تقدير جا. خدا جا. انساني لاڳاپن سان تعلق رکندڙ ھر پھلوءَ جا. زندگيءَ جي مقصد جا.... ڪڏھن ڪڏھن عجيب احساس ٿيندو ھو. پاڻ آگاھيءَ جي ڏِس ۾: مان آھيان بہ. نہ بہ آھيان. وڌيڪ پوائنٽو احساس تہ مان اھو ساڳيو نہ آھيان. جو اڳ ھوس. ھر پيري ٻيو. ٻيو آھيان. ھڪ کان وڌيڪ. مان جا روپ. ڪيڏو اڄرج ۾ وجھندڙ. پڳل پور ٿيل مان. مڪمل مان. اڻ پورو مان!

اليوزن! سڀ ڪجھہ اليوزن لڳندڙ.

سمجھان ٿو ھيءَ تڏھن جو ذڪر آھي. جڏھن مان سيڪنڊري اسڪول ۾ پڙھندو ھوس. يا ھاءِ اسڪول ۾ _ مان سوچيندو ھوس سواءِ ڪنھن نتيجي تي پھچڻ جي. ۽ جي نتيجو ھو تہ: اڪيلائي ۽ اداسيءَ جي ڏنڌ ۾ ويڙھجي. ان مان ملندڙ ڏک ۽ ھلڪي پيڙا مان لطف وٺندو رھان. پيڙا مان اھڙي لطف جو احساس بعد ۾ آھستي آھستي ٿيڻ لڳم. جڏھن اڪيلائي. اڪيلائيءَ ۾ اڪيلائي. ياس ۽ درد. منھنجي وجود جا ۽ حياتيءَ جا لازمي اڻ ڇجندڙ جز بنجي ويا. ظاھر آھي تہ اڪيلائيءَ ۾ اھڙن احساسن پنيان تصورن ۽ ويچارن جي عجيب ۽ غريب دنيا بہ ھوندي ھئي. مان ھن باري ۾ وڌيڪ اجائي پٽاڙ ڪرڻ نٿو گھران. جو اوھان بہ نہ چاھيندئو. البتہ اھو ٻڌائڻ وسري ويم تہ بابي کي ھڪ ئي اولاد ھئڻ ڪري. ھو مون کي ڏاڍو پيائيندو ھو. پر مان سندس پيار جي موٽ سخت نفرت سان ڏيندو ھوس. سبب پڌرو آھي. امڙ جي ڪري. ۽ ٻيو تہ. امان ۽ منھنجي نڳي يا ماٽيلي ماءُ جي وچ ۾ جھيڙو ٿيندو ھيو تہ منھنجي دل چوندي ھئي تہ بابو امان جو سات ڏئي. جو ھو نہ ڏيندو ھو. نتيجي ۾ منھنجي دل ۾ اھو وِھندو ويو تہ اھو منھنجو پيءُ ناھي. جڏھن ھو مون کي پيار ڪندو ھو تہ مان ڪائنس ڏاريائپ محسوس ڪندو ھوس. بيزاري ۽ ڪوفت ٿيندي ھئي. مون ڪائنس نفرت جو اظھار ڪڏھن بہ کلم کلا ڪو نہ ڪيو. باقي پيار ڪرڻ مھل ڪائنس جلد جند ڇڏائڻ جي ڪندو ھوس. مون کي بابي کان ڏاريائپ ۽ جھجھڪ جو احساس سندس مرڻ تائين. يعني منھنجي جوان

ٿيڻ تائين رهيو. ۽ وڏيڪ اڳتي هلي اهو پڻ سمجهيم ته بابي جو پيار، امان جهڙو خلوص وارو ۽ پاڪ ڪونه هو. پر ملڪيت جي وراثت جي بنيادي غرض جذبي هيٺ مڪروهه ٿيل ۽ ذاتي تسڪين ۽ مرداڻي انا جي جذبي سان ڪوڙهه ۾ ورتل.

هتي مان اوهان کي هڪ نرالو واقعو ٻڌايان ٿو. هڪ ڀيري ڇا ٿيو ته جڏهن بابو، امان کي گهڻ وڏ ڳالهائي رهيو هو ته، اوچتوئي مون کي ڇڇڪي اچي وئي ۽ الر ڪري بابي کي دسڻ لاءِ اڳتي وڌيس ته وچ ۾ امان اچي چندن کان ورتو. هوءَ چتي شينهن وانگر مٿان اچي ڪڙڪي. ٻچا، رانيوٽا، چماٽون، پاراتا. منهنجو جوش، جنهن کي مان غيرت جو جوش چئي سگهان ٿو، ڏڦ تي ويو. ۽ پوءِ جڏهن بابو، چپ چپات ۾ ٻاهر نڪري ويو ته هوءَ پنهنجي منهن رئڻ ۾ اچي ڇٽڪي. مان وائڙو. سواءِ ڪنهن سوچ جي ٻڌتر ۾ وائڙو وائڙو بيٺو هوس. ته مون کي ڳراٽڙيءَ ۾ ڪٽي ورتائين ۽ اوچنگارن ۾ اچي پئي. اها آهي سنڌي عورت. جنهن جي وفاداريءَ جي خصلت انساني عقل تي ٻڌل هجڻ بجاءِ، جانورن واري ڪنديشنڊ خصلت جهڙي آهي. جيڪڏهن مون کي معاف ڪيو ته مان سڌن لفظن ۾ ان کي ڪتي واري غير انساني وفاداري چوان.

مان جڏهن سوچيان ٿو ته انسان جي لاڳاپن ۽ انسان جي زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن خصيص ۽ ڪِين جهڙا واقعا به سنجيده ۽ اڻ ــ معمولي شڪل اختيار ڪري سگهن ٿا. ته انهيءَ حقيقت تي اچرج سان ڳڏ ڪنبڻي به وٺيو وڃيم. رڳو هڪ خصيص واقعي جي ڪري ٻاراڻي اوستا ۾ مون کي امڙ جي پيار ۽ سندس منڙي قرب مان ملندڙ روحاني آسيس ۽ پنهنجائپ واري احساس ماڻڻ کان به محروم ٿيڻو پيو. ها. هڪ نه ــ جهڙي ڳالهه جي ڪري! جنهن ڏينهن بابي جي ٻي شادي ٿي رهي هئي. ٻاهر دهل شرنايون وڄي رهيا ها. سموري خلق شاديءَ جي خوشيءَ واري موقعي مان مزو وٺي رهي هئي. مان پنهنجي هڪ نوڪر سان ڪيڏي رهيو هوس. اوچتو، ٻاراڻي معصوميت ۽ سادگيءَ وچان مون ڪائنس پڇيو: ٻچو، شاديءَ ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ اتي هڪ مشڪرو حجم به ويٺو هو ۽ پوڳ وجهي ماڻهن کي کلائي رهيو هو. تنهن منهنجي سوال جي ٽب ورندي ڏيندي چيو ته: ننڍڙا

ڄڻو پنهنجي انهيءَ سوچ ۽ تصور پٽاندڙ پنهنجي زندگيءَ کي اهو روپ ڏيڻ جي جاکوڙ ڪري ٿو. اها ڌار ڳالهه آهي تہ ڪير، ڪيتري قدر صحيح آهي يا غلط. ڪامياب وڃي ٿو يا ناڪام. يا رڳو جيئڻ گهڻو ڪري محروم مڊل ڪلاس وارن جي مامري ۾ ٿيندو آهي: تصورن ۽ خيالن جي دنيا وسائي، تمنائن جي تڪميل جو سولائيءَ سان لطف ماڻين ۽ ان ريت پنهنجي زندگي کي سواءِ ڪنهن جسماني جاکوڙ جي، پنهنجن وڻندڙ رنگن روپن کي پنهنجي وجود ۾ اوتي، پنهنجي تسڪين ڪن. جهڙوڪ جائي پائي بہ _ خير، ڪتابن ۽ اڪيلائيءَ مون کي حياتي ۾ پنهنجي رول جي باري ۾ عجيب ۽ اذيتناڪ تصور ڏنو. اهو تہ مان ويڳاڻو ۽ اوپرو آهيان. ڌڪاريل ۽ ٻاهر نڪتل. مون کي انهن مڙني انسانن تي، جيڪي پنهنجي سموري ڇرپر، مقرر ٿيل نيمن پٽاندڙ. سواءِ ڪنهن ان باري ۾ سوچڻ جي ۽ محسوس ڪرڻ جي، روزانو پوري ڪندا رهن ٿا. ڏاڍو رشڪ ايندو هو. مان اوهان کي ڪيئن ٻڌايان تہ زندگيءَ جي اسٽيج تي اوپرو بڻجي تماشو ڏسندڙ وارو ڪردار ڪيڏو نہ پيڙا ڀريو ۽ انتهائي ٽريجڪ آهي. ۽ اهي هاري، ڪمي ڪاسبي، (يا سرگرم سماجي، سياسي ڪارڪن) جيڪي سواءِ سوچڻ جي تہ پاڻ ۾ آهن. سواءِ ڪنهن احساس جي تہ پاڻ موجب آهن. جيئري رهڻ جو مقصد ڇا آهي يا مڙهيل مقصد جو بار ڍوئيندي _ مات ميٽ ۾ ڳهندا رهندا آهن. مقدر جائي، يا مقدر هجڻ جي ساڃهہ ۾ احساس کان بہ اڻ ڄاڻ ۽ بي پرواهہ رهندي، ڄم، ۽ پوءِ ننڍ پڻ کان وٺي جوانيءَ تائين، جوانيءَ کان ٻڍاپڻ تائين ڳهي ڳهي مري ويندا آهن _ منهنجي لاءِ آدرشي ڪردار هوندا ها. ڇاڪاڻ تہ انهن جي عام زندگيءَ ۾ اها نفسياتي لوچ پوچ ۽ ڇڪتاڻ ڪا نہ ڏسڻ ايندي هئي، جيڪا اسان پنهنجي ئي ذات جي گهرائيءَ ۾ پاتال تائين غوطا کائيندڙ اوپرن مڊل ڪلاس وارن ۾ هوندي آهي. يا اسين جيڪي زندگيءَ جي اسٽيج تي ڪنهن رول لاءِ هٿوراڙيون ڏيندي، هٿ ٺوڪين اصولن ، آدرشن/ مقصدن جا خيال نقطا پنهنجي ذهن م وهاري، انهن جي چوڌاري ڇرپر. جستجو ۽ جاکوڙ جو جار اٿندا آهيون ۽ پوءِ پيان تي ان جار ۾ ڦاسي، ڦٿڪندا ۽ لڇندا رهندا آهيون. پنهنجي ڪئي جي ناڪاميءَ تي بين مٿان ڇوهہ ڇنڊيندا آهيون. نيٺ نستا ۽ ساٿا ٿي پئجي رهندا آهيون ۽ پوءِ.......

ها. جڏهن آدرشن جو ذڪر نڪتو آهي تہ مان اوهان کي ٻڌايان: ڪنهن

Gul Hayat Institute

دور ۾ مان بہ ڏاڍو آدرشي هوس. ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ واري زماني ۾. هر نوجوان وانگر. پر اهو آدرش ڪهڙو هو؟ مون کي خود خبر ڪا نہ هئي. بس، هن چٽي احساس هيٺ تہ موجوده سڀ ڪجهہ سرشتو / نارمس/ قدر/ وغيره اڻ معقول ۽ بي انصافيءَ تي ٻڌل آهن. تبديل ٿيڻ گهرجن ۽ (هڪ مبهم ۽ اڻ چٽو تصور) هئڻ گهرجي. ۽ اهو هئڻ گهرجي ــ جي ڀرپور خواهش هيٺ. مان هر روايت ۽ روايتي قدرن کان باغي بنجي جلسن جلوسن. هل هلاچي ۾ حصو وٺندو هوس. منهنجا پائرو! اهو هو منهنجو آدرشي انداز. (اڄ جي سنڌي نوجوان وانگر) مون کي ٻيٽ ڪا نہ هئي، ۽ نہ ذهني طور صاف هوس تہ ڇا ٿو چاهيان. خير، پوءِ اهو جوش ايم اي جي آخري سال تائين ناس ٿي ويو ۽ اهو بلڪل تڏهن ختم ٿيو. جڏهن هڪ ڀيري اڪيلائي جي گهڙين ۾ پنهنجي هاسٽل جي ڪمري ۾ ويٺي ويٺي، مون کي آدرش ۽ انهيءَ لاءِ جستجو ڪرڻ جي سوا ان جي باري ۾ پنهنجي ذهن جي واديءَ ۾ ڀٽڪڻو پيو: پاڻ کي نمايان ڪري ٻين جي هٿان پنهنجي نالي جي ذڪر جي تمنا آهي؟ ٻين مٿان پاڻ کي مڙهڻ ۽ پنهنجي اهميت جي احساس جي تسڪين؟ امر ٿيڻ جو جنون؟ يا سچ پچ ايمانداريءَ سان انهيءَ گهڙيل آدرش کي شعوري، دلي ۽ عقلي سطح تي برحق ۽ وقت جي سچائي سمجهي ڪري، انهيءَ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ جي حقيقت لڪل آهي؟ يا پنهنجي ذهني موت آڻڻ خاطر، جسماني ڇرپر جا دروازا کولڻ؟ مان وقت جي سچائيءَ کان انڪار نٿو ڪيان. ۽ نکوئي ان سچائيءَ خاطر جاکوڙ کان انڪار ڪيان ٿو. پر ڇا اهو ممڪن آهي: اهو آدرشي فرد، پنهنجي انا جو موت آڻي ٿو؟ آدرش جي نالي ۾ جستجوءَ دوران پنهنجي سوچ ۽ عمل ۽ انهيءَ مان حاصل ٿيندڙ تسڪين لاءِ محور، مرڪز، نيوڪلس ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي ذات کي نٿو رکي؟ آدرش جي نالي ۾ سرگرميءَ جي سموري ڇرپر. ذات جي نيوڪلس جي چوڌاري نٿي ڦري؟ مان هن باري ۾ ڪا بہ فصيلي واري راءِ ڏئي نٿو سگهان. البتہ هيءَ ضرور چوندس تہ زندگيءَ جي اسٽيج تي هر انسان جو ڪو سرگرم رول هئڻ گهرجي. بجاءِ اوپري تماشو ڏسندڙ جي.

ڪٿي اوهان هنن اڻ لاڳاپيل ڳالهين مان ڪڪ تہ نہ پيا ٿيو؟ جيتوڻيڪ هنن ڳالهين جو تعلق اسان جي. انسان ذات جي زندگيءَ سان ضرور آهي نہ؟ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان اوپر وارا انهن کان بنهہ اڻ لاڳاپيل رهي. پنهنجي سموري حياتي

مسٽيريس جي ڏنڌ ۾ ۽ ڏند ڪٿائن جي منڙي ۽ سندر جڳ ۾ گذاري ڇڏيون ۽ انسان ذات جي مسئلن ۽ انهن ڪي نبيرڻ جو ٺيڪو اولهه جي گورن جي حوالي ڪري ڇڏيون. جيڪو هنن سواءِ ڪنهن جي پڇڻ جي ڪٽي ڇڏيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو "اهي گورا انسان جي موضوع تي ڳالهائيندي ٿڪبا ئي ناهن" هڪ انقلابي الجزائري فرانز فينن جي چوڻيءَ پٽاندڙ. "پر جڏهن به ڪين ڪو انسان نظر ايندو آهي ته هن کي ماري ڇڏيندا آهن" انسانيت مٿان ٺيڪيداريءَ هيٺ ڪين اهو حق ملڻ ئي گهرجي نه؟

جي ها: اوهان بلڪل صحيح چيو: مسلمانن مٿان اهڙي ٺيڪيداريءَ جو حق اسان وٽ پنجابين اڙدوي پناهگيرن پاڻ وٽ رکيو آهي. جيڪي مسلمانن کي بي رحميءَ سان ماري، سوپ ۽ سورهيائيءَ جا ٻِلا پنهنجن ڪپڙن تي سجائي گهمندا آهن ۽ مسلمانن جو عام قتل ڪري پاڻ کي سرويچ ۽ جنتي سڏائيندا آهن!

مون کي احساس آهي ته پنهنجي هن گڏجاڻي ۾ ڳالهه ٻولهه جو مقصد منهنجي خانداني ڪٿا نه. پر مون سان ٿيندڙ واقعي، (قانوني لفظن ۾ ڏوهه) جنهن ڪارڻ مان هتي آيو آهيان، سو ٻڌائڻ آهي. انڪري مان پنهنجي گهريلو داستان کي مختصر ڪريان ٿو.

هر جاندار وانگر بابي کي مرڻو هو، سو مري ويو. جڏهن مان يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي جي آخري سال ۾ هوس. انهن ڏينهن ۾. مان پنهنجي دلپسند ۽ محبوب فلاسافر شوپنهار، جنهن جي فڪر کان وڌيڪ مان سندس انتهائي المناڪ شخصيت ۽ زندگيءَ کان متاثر هوس ۽ سندس ذاتي زندگيءَ جي احوال پڙهڻ ڪانپوءِ يقين جي حد تائين پائيندو هوس ته مان سندس ٻيو جنم آهيان. يا سندس روح جو پڙاڏو: ڏک ۽ اداسيءَ سان ٽب ٽار. نراس، درد ۽ پيڙا جو بت. سندس ارادي جو اولڙو. پنهنجي هن موجود شڪل ء روپ ۾. مان شوپنهار جي فڪر بابت امتحاني پيپر لاءِ ٿيسز لِکي رهيو هوس ۽ ان سان گڏ اڪيلائيءَ جي گهڙين ۾ اداسيءَ جي هڪ مخصوص قسم جي سرور مان لطف ماڻي رهيو هوس. ته هڪ ڏينهن صبح جو يارهين وڳي ڏاري مون کي تار مليو. پڻهين مري ويو. جلد پهچ. ايمانداريءَ سان

Gul Hayat Institute

اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ انهيءَ تار مون تي ڪنهن بہ قسم جو جذباتي تاثر نہ ڇڏيو. نہ صدمو، نہ خوشي. مان سڪون، اطمينان ۽ خاموشيءَ سان ڳوٺ پهتس. بابي جي جنازي ۾ شامل ٿيس. ۽ هتي مان پنهنجي خاندان جي باري ۾ ٿيندڙ ذڪر جي پڇاڙي ڪيان ٿو.

اهڙي ريت مان سموري ملڪيت جو مالڪ ٿيس. سواءِ ڪنهن پورهئي جي. مون پڙهڻ اتيئي ڇڏي ڏنو. زميندارِيءَ جي ڪمن کي لڳي ويس ۽ ان ريت مون پنهنجي نئين زندگي جي شروعات ڪئي.

هن کان اڳ ڪو وقت هو جڏهن مان گهڻو ڪري سوچيندو هوس، هيڏي ساري ڄمار ڪيئن گذرندي ۽ پوءِ اهو احساس ختم ٿي ويو تہ: باقي هي سال بہ گذري ويندا. ۽ جڏهن ملڪيت جو مالڪ ٿيس تہ ڄمار جي ڳٽيءَ جو مسئلو مون لاءِ رهيو ئي نہ. ۽ هينئر جڏهن چاليهن جي ويجهو آهيان ۽ هتي هن قيد ۾ آهيان، جتي منهنجي ڄمار جو فيصلو مان ئي ڪري نہ سگهان ٿو، بلڪ انصاف جي ٽپي هيٺ اهو شخص. جنهن جو مون سان ڪڏهن لاڳاپو ئي نہ رهيو آهي.

جي سائين؟

ها، اهو ذڪر مان اوهان سان ڪرڻ وارو هوس. منهنجي منڙي امڙ بہ ان وچ ۾ گذاري وئي. منهنجي ننڍپڻ واري اوپرائپ ۽ ڪائنس ڌاربائپ جا احساس ختم ٿي چڪا ها. مان سندس بي حد عزت ۽ احترام ڪندو هوس. سندس وفات جو مون کي سخت صدمو رسيو. لڳم: منهن جي وجود جو ڪو انتهائي اهم ۽ بنيادي پاڱو ڇڇي. پنجي ڌار ٿي ويو آهي. ر وقت انهيءَ ذهني ڪوٽ کي بہ ميٽي ڇڏيو. جيڪڏهن مان منافقيءَ کان ڪم نہ وٺان تہ هيئن چوان: زندگيءَ جي روزمره جي سرگرمين، مصروفيتن (يا ڪردار چئوس) امان جي اها ڪمي ٿلهو وقتي ثابت ڪئي. باقي منهنجي نڳي ماءُ. تنهن کي مون پنهنجي اصل گهر مان ڪڍي ٻئي گهر ۾ موڪلي ڇڏيو.

۽ مان روايتي انداز ۾ هر وچولي طبقي جي زميندار وانگر يا چڱي خاصي ڪاٽيدار وانگر زندگي گهارڻ لڳس. زمين جي سنڀال هارين کان گهڻو ڪم وٺڻ. پنهنجي صحت جو خيال رکڻ. پنهنجي ذات سان محبت ڪرڻ. وڏن شهرن جا چڪر. وڏيون هوٽلون. عورتون ۽ پنهنجي وس آهر عباشي. منهنجي هستي روايتي ننڍي

Gul Hayat Institute

وڏيري وانگرينهنجي ماحول ۽ حالتن جي ڍانچي ۾ ڍلجي وئي. ۽ اڳ وانگر ٿيندڙ پنهنجي هستيءَ جي موجودگي جو احساس منجي ناس ٿي ويو: اهو ته جڻ مان آهيان ئي ڪونه. جي آهيان ته مان ئي! آهستي آهستي حياتيءَ جي اها روٽين زندگيءَ جي اسٽيج تي مون کي منهنجو رول ملي ويو. روٽين ائين ٿي وئي جڻ جم کان وٺي مان ائين هوس. منهنجو ماضي هوئي ڪونه. منهنجو اهو احساس ته مان آهيان ۽ ڌاريو ۽ ويڳاڻو آهيان. سو ختم ٿي ويو. ۽ پنهنجو پاڻ کان اڻ مطمئن هجڻ جو احساس پڻ الاءِ ڪيڏانهن گم ٿي ويو. جڻ هوئي ڪونه. پوري طرح زندگيءَ جا اسرار هٿ چڙهي ويم. ڪڏهن ڪڏهن. جڏهن وڏن زميندارن جي پيٽ ۾. پنهنجو وجود خود بخود ڪمتر نظر ايندو هو. تڏهن حافظي جي ڪوتائي ڪندي، انساني سماجي ناتن تي سوچيندي منهنجو ماضي منهنجن اکين آڏو ايندو هو. پر ڏنڊلو. هڪ خواب لڳندڙ ۽ انهيءَ ۾ به حراماپائي (يا پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻ چئوس) ڪندو هوس. اها هن ريت ته جڻڪ پنهنجو پاڻ کي زبردست شاباس ڏيندي چوندو هوس: اهو مان ئي آهيان جو اهڙين پوائنٽين ذهني ۽ جسماني محرومين کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي جيئرو رهيو آهيان. جيتوڻيڪ عام زندگيءَ ۾ اهڙي قسم جون محروميون ۽ انهن جي نتيجي ۾ ذات جون پوڳنائون عام رواجي ڳالهيون آهن.

ها. تڪليفون. اذيتون. ڏک ڏاکڙا. جيڪي ڪتابن ۾ رومانٽڪ لڳندا آهن. اصل زندگيءَ ۾ انهن کي سهڻ. پوڳڻ جي گهرائي ۽ ڪيفيت ٻي هوندي آهي. جيڪڏهن اصل زندگيءَ ۾ اهي ڏک ڏاکڙا ۽ ايذاءَ به ناولن ۽ ڪهاڻين وانگرلڳندڙ محسوس ٿيندڙ هجن ته پوءِ چا ڪجي.

ها. هن دور ۾ منهنجو وڻندڙ مفڪر نٽشي ٿڄي ويو Life it self is will to power زندگي بابت نتيجي واري اها منهنجي راءِ هئي. مان پوريءَ ريت نندي پڻ ۽ زميندار ٿيڻ کان اڳ واري جذباتي ذہن منجهان ڇڪجي ٻاهر آيس. هر ڳالهه ۾ عقل پسند. يعني ريشنل ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ۽... اهڙي ريت منهنجو نندپڻ گذريو ۽ جواني .......

منهنجو خيال آهي.هن بيان کي هتي ئي دفن ٿيڻ ڏجي. معاف ڪجو.

Gul Hayat Institute

مون (شايد) اوهان جو ڪيترو وقت اجايو وڃايو. مهرباني. اهو اوهانجو ڪرم آهي. هاڻي اچو ته ان قصي کي وٺون، جنهنڪري مان هتي آيو آهيان. منهنجو خيال آهي ته ان کان اڳ هڪ دور چانهه جو ڪيون. ڇا خيال آهي؟ مان چانهه ناهي ٿو وٺان، اوهان ٿڪ پيجي وٺو.

مان وري به ورجايان ٿو ته هن واقعي جي پڄاڻيءَ تي، ظاهري واقعي جي ڍانچي اندر لڇندڙ احساس کي ۽ اڻ وسرندڙ حقيقتن جي روح تي ئي نظر رکجو ۽ اوهان ڏسندا ته انساني لاڳاپن ۾ ڪڏهن ڪڏهن بي بنياد ڪين جهڙا واقعا به ڪيڏي اهميت وٺيو وڃن. ۽ انهن عام رواجي واقعن جي تهه ۾ ڪيڏي گهرائي ۽ وسعت ٿئي ٿي. ۽ انسان ڪڏهن سواءِ ڪنهن ظاهري ڪارڻ جي ڪٿي جو ڪٿي ڌڪجيو وڃي. مان اڳواٽ هيءَ انهيءَ ڪري به پيو ٻڌايان ته جيئن، اڳتي هلي، يا پڄاڻيءَ تي اوهان عجب ڪائي ائين نه چئو، ائين به ٿي سگهي ٿو ڇا؟! پر جيئن مان اڳ ۾ ئي چئي آيو آهيان ته — هيءَ انسان، سندس وجود، موجودگي ۽ پاڻ ۾ ناتا ۽ ورتاءَ اهڙا ته پيچيده آهن جو.

خبر ناهي اسين ڇا ٿا چاهيون ۽ ڇا نٿا چاهيون. چاهيندي به، خواهشون رکندي به، اهو نٿا ڄاڻون ته ڇا ٿا چاهيون. چاهنا، تمنا ۽ اهڙي قسم جون نفسياتي ضرورتون. اهو شديد ڇتو احساس هوندي ته: گهرجي ـــ پر ڇا؟ جي گهربل آس پڄي به ٿي ته، اطمينان نه ۽ وڌيڪ خواهش. آس: اجان به..... ڇڪ ڪجهه رهيل، ڪمي ٿيل.

Gul Hayat Institute

سڀ ڪجهه بڪواس آهي.

Imperfect understanding of him self

اوهه! مان جذباتي ٿي ويس. معاف ڪندا.

ڪٿي اوهان مون کي اڻبنار مل سمجهي دل ئي دل ۾ کلي ته نه رهيا آهيو؟ ۽ سوچيندا هجو: هي اڌ چريو هينئر پنهنجي اصل روپ ۾ پڌرو ٿي رهيو آهي.

گڏڻ جي خلاف. مان روايتي مجنونءَ واري هڪ ڪَري monotonous عشق لڳاءَ يا دل لڳي، اٽيچمينٽ چئوس. ڪي چريائپ سمجهندو آهيان. اوهان پاڻ ئي سوچيو ته: هيڏي ڦهليل سندر ۽ خوبصورت جڳ ۾ هزارين لکين حَسِينُ آهن. انهن ۾ پلائنلهو هڪ سان ئي چريائپ جي حد تائين جذباتي موهه رکڻ ڪهڙي ڏاهپ آهي؟ اهو ئي سبب آهي جو انساني يا عورت ۽ مرد جي ناتن ۾ مونو گميءَ کي مان غلاميءَ جو هڪ پوائنٽو، غير انساني ۽ اڻ وڻندڙ روپ سجمهندو آهيان. ۽ بين لفظن ۾ ڪتي واري وفاداري انساني سڀاءَ جي ابتڙ ۽ چڙ ڏياريندڙ لڳندي آهي. سو مان ڏانهنس پنهنجي اڻ جاتل ڇڪ جو ڇيد ڪندي هن نتيجي تي پهچندو هوس ته اُن جا ٻه سبب ها: هڪ ته هوءَ مون سان تمام سٺي نموني پيش ايندي هئي. سٺو رسپانس ڏيندي هئي، سٺو نچندي هئي ۽ سندس جسم جي لچڪ ۽ لوڏ، جنهن تي سڀ اکين ڇڪن ها. مون کي وڻندا ها. ۽ وڏي ڳالهه ته هوءَ منهنجي طبيعت / سڀاءَ مطابق هئي ۽ ٻيو سبب هيءُ ٿي سگهيو ٿي ته: پنهنجي وڏيرپ واري برتريءَ جي احساس جي تسڪين ٿيندي هئي. ڇاڪاڻ ته ڪيس فتح ڪرڻ لاءِ هڪ چڱي خاصي مهذب حلقي ۾ ڇتا پيتيءَ واري صورتحال پيدا ٿي وئي هئي. مون کي ڇاڻ ڪانهي ته اهڙي ريت مقابلي واري حالت ۾ جيتيل عورت مان مزو ماڻڻ جو اوهان کي ڪڏهن موقعو مليو آهي يا نه.

پر صاحبو، اهڙي ريت سخت مقابلي جي جاکوڙ ۾ جيتيل عورت منجهان ماڻڻ جو لطف ئي نرالو ٿئي ٿو ممڪن آهي انهيءَ جي پنيان جاگيرداري تهذيب جو مرداڻي طاقت ۽ سورهيائپ وارو تصور هجي يا جاکوڙ جي سوڀ جو ڦل يا ڇڪتاڻ ڪانپوءِ سوڀ ـ پر مان سمجهان ٿو ته ايتري ريت جيتيل عورت به ايترو ئي ماڻيندي هوندي. جيترو مرد. تڏهن ته اسان جي سنڌ جون نوجوان نينگريون ۽ عورتون ڌاڙيلن ۽ ملهن تي جهٽ پٽ دل هاري وهنديون آهن.

هيءُ ته پڌرو آهي اڪيلائي ۾ هرچالاڪ ۽ منافق مرد وانگر مان به ساڻس سچي محبت، نباهُ ڪرڻ، وفا، قرباني ۽ مثالي زندگي بابت ڊائلاگ چوندو هوس. جيڪي منافقانه ڊائلاگ عورت جي نفسيات جي خاص ڪمزوري هوندا آهن. مون اڳ ئي بيان ڪيو آهي ته مون ساڻس ڪجهه به ڪو نه ڪيو. سواءِ چميءَ چٽ ۽ ياڪر جي. پانيان ٿو ته منهنجي هن غير متوقع ورتاءَ منهنجي لاءِ سندس دل ۾

ضرور جڳهه پيدا ڪئي. پر ان جو اهو مطلب ناهي ته منهنجي من ۾ اهڙو مقصد ئي نه هو. پلا عورت سان هن ريت ملڻ تي ڪهڙو مرد نيڪ نيت تي سگهي ٿو! منهنجو مطلب آهي، لڳ جي نيت نه رکندو هجي. دراصل عورت ۽ مرد جي اهڙن ناتن ۾ مان جلدي ڪرڻ، اڳرائي ڪرڻ ۽ آپي کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو قائل ڪو نه آهيان. نه ڄاڻ جو اهڙي موقعي تي جذباتي جلد بازي ڪرڻ ۾ جانور هجڻ ۽ اڳرائي ۾ ڇتي، حيوان جي وحشيپڻي جو احساس ٿيندو اٿم. انسان کي پنهنجو بائلاجيڪل غلام ته نه هئڻ گهرجي. فن جو لاڳاپو انسان سان ئي آهي ته قرب ڪرڻ به ته هڪ فن آهي نه. انساني فن نيٺ انسان ۽ جانور جي لڳ ۾ بنيادي فرق ته هئڻ گهرجي. لڳ ته جانور به ڪندا آهن پر انهن جي لڳ ۾ انساني فن وارو معراج ۽ جمالياتي ذوق نه هوندو آهي. ڪتمنڙي کي وات ۾ وجهي، ڏندن سان پڇي پور ڪري، ڪرٽ ڪرٽ ڪري کائڻ ۾ وڌيڪ مزو آهي يا ڪيس چوساڙي چوساڙي ٻچيل ذري ڪي پڇي کائڻ ۾؟ ٻوٽيءَ کي هڪ وقت چباڙڻ کان سواءِ ڳهڻ ۾ مزو آهي، يا ان کي چباڙي چباڙي وات ۾ لوئي پوئي ان جو عرق چوساڙي پوءِ ڳهڻ ۾؟ صحت جا اصول به منهنجي هن بيان جي پٺڀرائي ڪندا. ۽ قرب ۽ لڳ جو فن به ائين ئي آهي. مـنڙيون مـنڙيون ڳالهيون، چمي چٽ، ڪل پوڳ، پاڪر ۽ ائين ـ منهنجو عقيدو آهي ته ان ريت انساني پيار ۾ جسمن جا سمورا عضوا، ويندي وار وار، صحت جي انهيءَ عمل ۾ حصو وٺن ٿا ۽ ائين ئي قرب جون لهرون روح جي گهرائيءَ تائين رسن ٿيون. ۽ جسم جي هر لوچ جمالياتي تسڪين جي سرحدن کي ڇهي ٿي. قرب جي روح جو جوهر نپوڙجيو اچي ۽ ان کي چئجي ٿو انساني قرب جو معراج. ڪي نه؟

بهرحال هن ڏس ۾ هرڄڻي جو ۽ هر ڏر جو پنهنجو پنهنجو مزاج ۽ لاڙو ٿئي. مان پنهنجي راءِ ٿاڦڻ جو حق نٿو رکان.

سائين، مان سائس ملندو رهيس. هر گڏجاڻي اهائي تازي، نئين ڇڪ. جنهن ۾ گڏجي سمهڻ. ڳالهيون ڪرڻ. جنهن ۾ جذبن کي ڪوسو ڪندڙ ڪيفيت ۽ لطف. ڪڏهن ڪڏهن مون کي شڪ ٿيندو هو ته هيءَ اها محبت ناهي، جنهن کي عام طور محبت سڏيو وڃي ٿو. هڪ ڏينهن هن مون کان. لڄائيندي سوال پڇيو: رئيس مون سان شادي ڪندين؟ مون کي ڪهڙو جواب ڏيڻ کپندو هو. جيڪو هر مرد هن موقعي تي ڏيندو آهي: "منڙي! شادي ڪنداسين . تڪڙ ڪهڙي آهي."

هن نهايت ڌيمي ۽ جهٽڪ پڇتائيندڙ غير يقيني آواز ۾ چيو: "مان رنڊي آهيان."

اهو ڄاڻيندي ۽ ويساهه رکندي ته منهنجي آڏو سچي محبت جو تصور ئي واهيات ۽ ائبسرڊ آهي، مون کي مٿيون جواب ڏيڻو پيو. جو موقعي جو اهو ئي جواب ٿي سگهيو ٿي.

هوءَ ڳڻتيءَ ۾ پئجي وئي. سمجهي نه سمجهيو آهيان ته سندس منهن جو ڳڻتيءَ وارو تاثر منهنجي چيل عام رواجي جملي تي پروسو نه ڪرڻ جو نتيجو هو يا اهڙي قسم جا جواب ٻڌڻ جي هوءَ عادي ٿي چڪي هئي ۽ هن مون کان ڪنهن نئين جواب جي اميد ٿي ڪئي. غير معمولي، سڌو سنئون سچو جواب، جيڪو منهنجي اندر ۾ هو.

خير.

غضب جي عورت هئي. عورت نه، نينگري جوانڙي. مون کي هينئر سندس ٻڌايل واقعو ذهن تي پيو تري. انجو تصور ڪيڏو نه دل ڏاريندڙ آهي. انسان جيڪڏهن ڪجهه به ڪرڻ تي اچي ته ڇا نٿو ڪري سگهي. اسين پاڻ ۾ ڪافي گهرا ٿي ويا هئاسين. هڪ ڀيري مون ڪائنس پوڇ ۾ پڇيو. "اهو ڪهڙو پاڳل وارو هو، جنهن سائين جن جي ڪنوارپ جو...؟" مون اڃان سوال پورو ئي نه ڪيو هو ته ڏٺم: سندس منهن جو رنگ اڏامي ويو آهي ۽ چپ ڪاراٽجي ويا اٿس. مان پنهنجي ليکي ڏاڍو ششدر ٿيس. سوچيم اهو سوال شايد کيس اٿوڻندڙ لڳو آهي. پڇتائڻ واري انداز ۾ چيم: "مون کي معاف ڪج، اهڙي قسم جو ڪريل سوال مون کي نه ڪرڻ کپندو هو."

هوءَ مرڪي. ڪوماڻيل چهري جي ڪاراٽيل چپن تي ڦڪي مرڪ. چيائين ته: "مان تو کي ٻڌايان ٿي."

۽ پوءِ هن ٻڌايو. هن جو ڪجهه ٻڌايو اکر به اکر ٻڌائڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. دوستو. پر ان جو تت هي آهي: جڏهن سندس عمر تيرهن يا چوڏهن سال هئي. هڪ سنڌي وڏيري وٽ، شهر جي هڪ وڏي هوٽل ۾ گذارڻ لاءِ کيس موڪليو ويو. اهو وڏيرو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر هو. يعني چونڊيل عوام جو نمائندو ۽ هڪ سياسي پارٽيءَ جو اهم ميمبر ۽ پڻ سيد. ان ڏينهن هو حيدرآباد ۾ هڪ وڏي جلسي

ڪي خطاب ڪرڻ آيو هو، ظاهر آهي تہ ان جلسي ۾ هن عوام جي ڏکن سورن، جمهوريت، اسلام ۽ عوام ۽ قوم جي ڀلائيءَ جون ڳالهيون ڪيون هونديون.

ڪيڏو نہ ذهني ايذاءُ ڏيندڙ تصور آهي. منهنجا تہ وار ڪانڊارجي ويا ها. مون اوهان کي ٻڌايو تہ ان جو تفصيل ٻڌائڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. بس، اوهان هن مان اندازو لڳائي انهيءَ پوائنٽ ۽ ايذاءُ سان تپ ڏنار تيل فعل جو تصور ڪري سگهو ٿا تہ سانڍهہ ڪيترا ڪلاڪ بيهوشيءَ ۾ پئي هئي ۽ سندس رت نڪتي بيٺو. اڪ ڪلڻ تي هن پنهنجو پاڻ کي هڪ پرائيويٽ زناني اسپتال جي هنڌ تي ڏٺو.

بهرحال، زندگيءَ جي انهيءَ عام رواجي، پر ايذاءُ سان ڀريل حادثي يا واقعي جا تفصيل ٻڌڻ کان پوءِ سندس لاءِ همدرديءَ جو ڳتيل گهرو جذبو محسوس ڪندو هوس، جهڙي ريت امان لاءِ ڪندو هوس ۽ دل چوندي هئي ساڻس اهڙو ئي پاڪ پيار ڪيان جيڪو ڪنهن معصوم ٻار سان ڪبو آهي. يا ماءُ سان. ۽ ائين گڏجاڻيون ٿينديون رهيون. پر همدرديءَ جا اهي جذبات وقتي هوندا آهن. اهڙا جذباتي احساس، جذباتي وقت جي پيداوار هوندا آهن ۽ وقت گذرڻ سان پاڻ هي ختجي ويندا آهن. جو اهي جذباتي وقت جي ئي پيداوار هوندا آهن. سو مون ان باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو، جيڪو هن جڳهہ تي، ههڙي قسم جي عورت سان ملندڙ هر مرد ڪندو آهي ۽ اتي اهو هڪ ئي مقصد ڪٺي ايندو آهي. اوهان يقين ڪيو هن وقت تائين مون ساڻس اهو ڪجهہ نہ ڪيو جيڪو هتي ايندڙ هر مرد منشا ڪٺي ايندو آهي ۽ پورو ڪري رمتو ٿيندو آهي. مون کي پورو يقين ٿيو تہ هوءَ منهنجي پنهنجي انداز جي پيار تي ساهہ تي ڏئي ۽ هاڻي مان جيئن ڪيس چوندس تيئن ڪندي. هن جو مون تي مڪمل ڀروسو قائم ٿي چڪو آهي. خبر ناهي ڇو. مان اهڙي قسم جو ڀروسو پيدا ڪرڻ لاءِ احمقاڻي جاکوڙ ڇو ڪري رهيو هوس. جڏهن تہ مان پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ هوس. ڏوڪڙ ڏيندو هوس. خاص ان مراد لاءِ جيڪو هر مرد رکندو آهي. پوءِ بہ _

ڪيڏو ائبسرڊ!

مون کي خيال آيو تہ ڪيس ڳوٺ وٺي وڃان ۽ اتي ئي اطمينان، سڪون ۽ پنهنجپ واري مانوس ماحول ۾ _ جيتوڻيڪ ڪيترن موقعن تي مان هن جي حرڪتن: بيچيني، چميءَ چٽ، زبان چوس ۽ جنوني انداز ۾ چنبڙڻ، بي خوديءَ وڃان

اڻ پوري تسڪين جو احساس. معاف ڪجو، مون کي لفظ نٿو ملي. دراصل مون کي ڳوٺ ۾ پنهنجي جڳهه تي وٺي وڃي ڪري ٿي ـ جو تصور وڌيڪ مڪمل ۽ ڀرپور تسڪين وارو لڳندو هو ۽ انهيءَ وچ ۾ مان ڪيس جلد از جلد ڳوٺ وٺي وڃڻ لاءِ سندس پوڙهيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ موقعي جي ڳولا ۾ لڳو رهيس. مون کي ڄاڻ ناهي تہ اها پوڙهي سندس اصل ماءُ هئي يا نہ. بهرحال هوءَ پنهنجو پاڻ کي، ۽ پڻ هوءَ ڪيس پنهنجي ماءُ ظاهر ڪندي هئي. پوڙهيءَ کي پيسا گهربل ها. سي مان ڏيڻ لاءِ راضي هوس. پر هوءَ ان لاءِ تيار نہ هئي تہ مان ڪيس هڪ ڏينهن کان وڌيڪ ڳوٺ ۾ رهايان. اهو سندس ڌنڌي جو مامرو هو ۽ مان ڪيس هڪ ڏينهن کان وڌيڪ رهائڻ لاءِ راضي ڪري نہ سگهيس.

پيار جي هن تاجي پيٽي جي اٿت ۾ ڪيڏو نہ لطف هوا ڪنهن آڳاٽي، ڏند ڪٿا ٿي قصي وانگر دلڪش ۽ پراسرار. جيتوڻيڪ اهو پنهنجي جاءِ تي پاڳل پڻو هو. بنهہ چرپائپ. هن خيال کان تہ مان سنت ٿي اوڏي مهل جو اوڏي مهل اهو ڪجهہ ڪري سگهان پيو. جنهن لاءِ هيءَ اجائي ديگهہ ۽ اينگهہ ڪري رهيو هوس. هڪ ناقابل فهم تسڪين جي تڪميل لاءِ اهي سڀ حرڪتون ۽ حرڪتن جي اٿمت پنهنجي جاءِ تي بي معنيٰ هيون. عقل ۽ فهم جي خيال کان نہ ـ پر جهڙي ريت والٽيئر چيو هو: "ڪڏهن ڪڏهن حماقتن مان بہ لطف ايندو آهي." يا ائين ڪٿي چئوس تہ هڪ بي چين ضمير پنهنجن ئي تضادن جي ڏٻڻ ۾ قاتل. ڏسجي تہ اسان جو پنهنجو سڄو وجود، جيڪڏهن بي معنيٰ آهي تہ: هڪ وڏي حماقت آهي. ڀلا جمڻ ۽ اجائي جاڪوڙ ۽ پوءِ هڪ ڏينهن مرڻ ۾ ڪهڙي ڏاهپ لڪل آهي. سو مون کي پنهنجي هن بي معنيٰ، سمجهہ ۾ نہ ايندڙ حماقت مان لطف پئي آيو ۽ مون کي اها حماقت پئي ڪئي. خير. سائين مان پوڙهيءَ جي راضپي سان هڪ ڏينهن لاءِ ڪيس ڳوٺ وٺي آيس. جو هن هڪ ڏينهن کان وڌيڪ رهائڻ لاءِ نہ مڃيو. الاءِ ڪهڙي خيال هيٺ.

۽ اها رات: جنهن رات لاءِ مون هيڏي احمقانہ جاڪوڙ ڪئي ـ جي تڪميل ماڻڻ جي رات. پر مان توهان کي ڇا ٻڌايان. مون اها رات سخت ڪوفت جي

Gul Hayat Institute

اَچ.

احتياطن مون پنهنجو پستول ڪنيو. ڪهڙي خيال هيٺ چئي نٿو سگهان. مان هاڻي سوچيان ٿو. مون ائين چو ڪيو. ۽ ان وقت اهو بہ نہ ويچاريو هيم تہ هن کي ۽ پاڻ کي ڪيڏانهن ٿو نيئي وڃان. ڪيڏانهن؟ ها ڪيڏانهن! انسان ڪيڏو نہ احمق آهي. حماقتن جو مجموعو. هن واقعي ۽ هڪ ٻئي پٺيان اهڙن اڻ وسهندڙ واقعن. جن ۾ منهنجي سرت، ويچار، فيصلي ۽ نتيجن جي آگاهيءَ جو ذرو بہ دخل ڪو نہ هو. تن مون کي هن نتيجي تي پهچايو آهي تہ مان احمق آهيان بنهہ چسو. اهي انسان جيڪي سوچي سمجهي ۽ نتيجن جي ڳڻ ڳوت ڪري فيصلو ڪن ٿا. واقعي پلارا انسان آهن.

خير سائين. قصو ڪوتاهہ. مان هن کي جيپ ۾ ويهاري نڪري پيس. نہ ڄاڻ ڪيڏانهن. واضح ڪو نہ هو. شهر يا حيدرآباد؟ يا ڪراچي؟ يا پنهنجي ڪنهن دوست وٽ. ڪنهن ٺوس نتيجي تي نہ پهتو هوس. جيپ هلي رهي هئي. هوءَ مون سان گڏ فرنٽ سيٽ تي ويٺل هئي. چو ڦير اوندهہ ڇانئجي چڪي هئي ۽ جيپ ڊوڙ اڏائيندي اڳتي وڌي رهي هئي. هوءَ بلڪل چپ هئي ۽ مان بہ. البتہ مون کي عجب پئي ورتو تہ هوءَ بلڪل مطمئن ٿي نظر آئي. جڏهن تہ مان سخت پريشان. مستقبل جا پوائتا خيال. ظاهر آهي تہ منهنجي منهن تي انهن پريشانين ۽ پريشان سوچن جو اولڙو تہ پوندو ئي هوندو. پر هوءَ بنهہ مطمئن ٿي لڳي!

مان جڏهن ان تي هن وقت سوچيان ٿو. اطمينان سان. تڏهن مون کي پنهنجي پاڙي هجڻ تي ۽ ڪونئر پڻي تي ۽ وڌيڪ تہ وهمي هجڻ تي شرم اچي ٿو. ها شرم. ندامت ۽ ڪاوڙ. سوچيان ٿو تہ مون ڪيڏي نہ پاڙپائي ڪئي.

ها. سو ــ

اسين وڃي رهيا هئاسين چپ چاپ. رات جو وڳڙو. پر هن وقت چنڊ. پوري اونڌهہ کي روشن ڪري ڇڏيو هو.

تڏهن هن اوچتو خاموشي ٽوڙيندي پڇيو: "ڪيڏانهن پيو هلين؟"

هونئن جيئن اسان جي مڙداڻي پوڳ ۾. سنجيدگيءَ مهل چوندا آهن تہ:

Gul Hayat Institute

منهنجي ڇاتي تي ڦاٽي. تو کي پنهنجي لڳل. مان پنهنجي ليڪي پريشان هوس. سو هن جي سوال تي بخيلي آيم. چڙ ۾ وراڻيو مانس: "ماڻهين جي ننگ ۾."

هلڪو ٽهڪ ڏنائين. مان وري به اوهان کي ٻڌايان ٿو ته هوءَ ان ۾ مطمئن هئي. چيائين: "جاءِ ته سٺي آهي پر پوٽئي چڙي آئين." مون کي سندس اهو پوڳ بلڪل نه وڻيو.

هوءَ مون ڏانهن سري آئي ۽ منهنجي سٿرتي هٿ ڦيرڻ لڳي ۽ پوءِ پيار مان ڪلهي تي هٿ رکيائين. آهستي آهستي مهٽڻ لڳي. مون ان جي ڪا به گرم جوشي واري موٽ ڪا نه ڏني ۽ نه ئي ڏئي سگهيس ٿي. جنهن ڪيفيت ۾، مان پوڳي رهيو هوس. ممڪن ئي نه هو.

"جيپ بيهار." هن اوچتو ڇڙڪ حڪم ڏيندي چيو.

"ڇو؟" رڪائيءَ سان پڇيو مانس.

"هلندي ڳالهاءِ. مان سمجهان ٿو پوليس اسان جو پيڇو ڪندي هوندي."

مون وراڻيو. "اسان کي جلدي هتان نڪرڻ گهرجي."

"ڪيڏانهن؟" هن ٻيهر پڇيو.

اها ته مون کي به خبر ڪا نه هئي، ان ڪري ماٺ ۾ رهيس.

وري ساڳي سانت: جيپ هلندي رهي، ته هن وري ساڳئي حڪم ڏيندڙ انداز ۾ چيو: "بيهار."

"تون چاهين ڇا ٿي؟" مون سندس نيت کي جاچڻ لاءِ پڇيو.

"مان چوان ٿي ته جيپ بيهار." هن اسٽرئنگ کي ورتو.

مون جيپ بيهاري. ان وقت مون کي ڏاهي چو، يا ديجوڙي. يا وهمي هجڻ ڪري. اهو خيال ويٺو هو ته پوليس اسان جي ڪڍ آهي. مون ان خيال کي يقين ٿي ڀانيو.

"هيٺ لهه." هن چيو

مان لٿس. هوءَ مون کي امالڪ چنبڙي پئي ۽ سڏڪا ڀرڻ لڳي ۽ زوريءَ ٻانهن کان وٺي هيٺ پٽرائين زمين تي وهاريائين ۽ پو منهنجن اکين ۾ اکيون وجهي، سوال ڪيائين: "ڇا تون مون سان پيار ڪرين ٿو؟"

اوهان کي ڇا ٻڌايان: سندس اکين ۾ ڇا هو. ڪهڙي ڇڪ. طاقت. ڇا؟ مان

Gul Hayat Institute

چئي نٿو سگهان. پر ان جي اهڙي غضب جي نهار ۾ سوال مون کي هيسائي وڌو، ڪهڙو جواب ڏيان. اصل ۾ ته اوڏيءَ مهل به منهنجي شعور ۾ پوليس جي پنيان اچڻ وارو جن سوار هو.

"ها." مون رڪائيءَ سان وراڻيو. پر يقين اٿم ته هن اڻ پروسي ۾ رکي جواب جي اصل کي جانچي ورتو هوندو.

"نه" هن پختگيءَ سان وراڻيو: "تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين."

گهڙي رکي هن وري سوال ڪيو: "مون سان شادي ڪندين؟"

"ڳالهه اصل ۾ هيءَ آهي ته: اهي ڳالهيون پوءِ به ٿي سگهن ٿيون. هينئر اسان کي هتان هلڻ گهرجي." مون ائين تڪڙ ۾ چيو ۽ اٿي هلڻ لڳس ته هن ڪلهي کان وٺي زوريءَ وهاريو ۽ پوءِ هڪ وڏو ٺهڪ ڏنائين. چانيل چوڌاري سانت ۾ سندس ٺهڪ پوائنٽو لڳو.

"نه" تون ڪلي نٿو ڳالهائي سگهين، شادي نٿو ڪرڻ چاهين. پر سچ چوڻ جي همت به نٿو رکين. تون ڏڄڻو آهين. جيتوڻيڪ اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي. جنهن کان ڏڄڻ گهرجي ۽ لڪائڻ. پر خير؟ هوءَ چپ ٿي وئي.

مون کي اٿڻ ۽ اتي اتان پڇي نڪرڻ جو جڻ اندرئي اندر الهام ٿي رهيو هو. مون کيس سمجهائيندي چيو: "هتان ته نڪري هلون پوءِ ڏٺو ويندو."

"پر مان ڪيڏانهن وڃڻ نٿي چاهيان."

هوءَ اتي، مان به اٿڻ لڳس ته، جهٽڪ چڙ ڏيندي چيائين: "نه تون ويٺو هج." مان عجب ۾ بيچيني وچان ڏانهنس ڏسڻ لڳس. هوءَ جيب مان پوئين سيٽ ڪٺي آئي. هيٺ رکيائين ۽ چيائين "هتي ويهه." مان سيٽ تي ويٺس.

۽ پوءِ هوءَ مون کي چنبڙي وئي. بي خوديءَ جي انتها ۽ چريائپ جي جنون جي حد تائين سندس حرڪتون. منجهس باهه هئي. جيون هيون. الا هئا. الاءِ ڇا هو ۽ ڦتڪ. هو وقلڻ لڳي: "مان تو سان پيار ڪيان ٿي. هاجاني. منهنجا مٺڙا..."

اهو اوچتو ۽ سڀ ڪجهه ايتري ته پوائنٽي انداز ۾ ٿيو. جو مون کي پنهنجي سرت به ڪا نه رهي. ايترو ته مان وائڙو ٿي منجهي پيس: ڪل ٽڙي اٿس يا درو پيو اٿس.

مون کي ڪائنس ڊپ ٿيڻ لڳو.

هوءَ سهڪي رهي هئي.

چيائين : "قميص لاهه."

مون سواليہ نظرن سان ڏانهنس ڏٺو. هوءَ منهنجي سامهون آئي ۽ پاڻهي قميص لهرايائين ۽ پوءِ سلوار ۽ پوءِ پنهنجا ڪپڙا.

اسين ٻئي اگهاڙا هئاسين مان اجان تائين وائڙو ۽ ڪوڪلي ذهن سان هوس. ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿي آيو. ٿڌو جسم، اصل برف. پر هن جو جسم جنسي باهہ هو. الا! پڙڪندڙ الا!

چنبڙي وئي. سندس ڪوسي جسم جو ڇهاءُ مون کي وڻندڙ لڳو.

"اڄ آخري ڀيرو ميلاپ ڪيون." هن جنوني انداز ۾ چيو.

"پر.... تو کي هيءُ ڇا ٿي ويو آهي! پوليس ڪِنہ...." مون چوڻ چاهيو.

"بڪواس بند ڪر." هن ڇڙڪ دڙڪو ڏيندي چيو. پوءِ ڳراٽڙيءَ ۾ آٽي، قربائتي آواز ۾ چيائين: "اڄ منهنجا پرين، تون نيٺ ڏڄين ڇو ٿو؟"

"نہ هتي نيڪ ناهي، جيڪڏهن هو...."

هن منهنجو جملو پورو ٿيڻ نہ ڏنو ۽ پنهنجو وات منهنجي وات ۾ پيچي چڙهيائين. چپ چوس. مون ڇڏائڻ جي ٿي ڪئي ۽ هن چنبڙڻ جي.

سائين اهي خبرون. جنوني انداز ۾ لڇندي وري چيائين: "اَڄ آخري ميلاپ ڪيون."

"مان تيار ناهيان." مون پختي ارادي سان ڪائنس پاڻ ڇڏائيندي چيم.

"نيٺ ڇو!" هن حيران ٿيندي چيو.

"بس منهنجي دل نٿي چوي، ان ڪانسواءِ پوليس...."

"اوهہ! بڪواس بند ڪر. پوليس، پوليس." هن چڙندي چيو ۽ وري چنبڙي وئي.

مان سمجهان پيو، اهو سڀ ڪجهہ امالڪ ٿيو آهي. جنهن لاءِ مان ذهني طور بنهہ تيار ڪو نہ هوس ۽ سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ منهنجي ذهن تي پوليس سوار هئي. پر هوءَ، نسورو باهہ هئي. هر ادا قرت، اڳرائي ٿمندڙ امنگ چلڪندڙ جوين، بي چين ادما، جلد بازي ۽ اڳرائي بس مان اوهان کي ڇا ٻڌايان.

هوءَ سمهي پئي. مون کي بہ گڏ سمهاريائين. رات جي ٿڌاڻ ۾ مون کي

اسين ٻئي ساٿا ٿي ڳپل گهڙيون هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ ماٺا پيا رهياسين. ٻنهي کي هلڪي ٿڌ جو احساس ٿيو ۽ اسين ٻئي اجان وڌيڪ هڪ ٻئي سان چهٽي پئجي رهياسين ته اوچتو مون کي مٿس پيار آيو. ڀاڪ پيارءِ سندس مک مون کي ڏاڍو وڻندڙ لڳو. سڪون ڀريو مک. مون کي مٿس ايترو ته پيار آيو، جو ڀاڪر ۾ پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو مانس، ـ چيومانس ڇا، اصل ۾ منهنجي واتان نڪري ويو: "منڙي، تون وهلور ڇو ٿي وڃين، اڄ کانپوءِ تون منهنجي زال آهين."

هن اچرج ڀريل ۽ خوشيءَ ڳاڏڙ نظرن سان مون کي ڏٺو. ڄڻڪ منهنجي بيان تي ڀروسو نه ايندو هجيس ۽ ان جي تصديق ڪرڻ چاهيندي هجي. بهرحال، مون سندس نگاهن مان اهو ئي مطلب ڪڍندي، کيس وري يقين ڏياريو: "خدا جو سنهن، هن مهل کان ئي تون منهنجي زال آهين. تون ڀروسو رک. مان تو سان هميشه ..."

هن جملو پورو ٿيڻ نه ڏنو ۽ سوال واري انداز ۾ چيائين : "پر نڪاح؟"

مون کيس چيو، "مان نڪاح ٻڪاح جي رسمي ڳالهين ۾ ويساهه نه رکندو آهيان. نڪاح ته منهنجي آڏو بدڪاريءَ جو هڪ مذهبي اجازت نامون آهي." مون سندس سندر، سڪون ڀرئي مک کي هٿن ۾ جهليندي چيو: "ڇا نڪاح پيل زال مڙس، سدائين هڪ ٻئي مان راضي رهندا آهن؟ منهنجو انداز آهي ته نڪاحي جوڙا، اڪثر پنجانوي سيڪڙو هڪ ٻئي مان اڻ خوش هوندي به گڏ رهڻ تي مجبور آهن. اهڙي ريت اسان جو شاديءَ جو رسمي ادارو، ڇا اهو ڇڪلو ڪونه آهي، جنهن ڌرين جي مرضيءَ خلاف گناهه / زنا ڪئي وڃي ٿي ۽ ان تي مذهبي تقدس جو ليپو لڳايو ويو آهي. مان پاڻ جبر جي پيدائش آهيان. اهڙي لڳ جي پيدائش، جنهن ۾ منهنجي جڻڻ واري ماءُ جو ڪو به راضپو ڪونه هو، ته ڇا مان حرامي ٻار ڪونه ٿيس!"

هوءَ مرڪڻ لڳي ۽ پيار مان منهنجي ڳل تي ٿڦڪي هڻي چيائين: "جائي ته تون عجيب آهين." پوءِ رکي، ڄڻڪ ڪجهه سوچيندي چيائين، "پر مان تنهنجي زال ڪانه آهيان ۽ نه ئي ٿيڻ چاهيان ٿي." ائين چئي هوءَ اٿي ۽ سلوار ۾ هٿ وڌائين. مون، ارادو نه هجڻ جا وجود به کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ کيس وري ٻڪجي ويس. چميون، چپ چوسي، ، اهو جنوني دورو جو ڪجهه وقت مٿس پيو هو.

Gul Hayat Institute

دوستو اهي خبرون.

ان ڪانپوءِ چا ٿيو. مان اوهان کي ٻڌايان ٿو. سون پوليس ٻڌو پاڻ کي پيش ڪيو ۽ ايف آءِ آر ۾ هن کي پنهنجي زال چاٽايم خون جو ڪو به سبب ٻڌائڻ ضروري ڪو نه هو. اهو ئي ڪافي هو ته مون پاڻمرادو هن کي مارڻ جو اعتراف ڪيو. ائين مون ڇو ڪيو. ان جو ڪارڻ مان پاڻ به نٿو ڄاڻان. خير

مان اڃان ته جيئرو آهيان ۽ اوهان پائرن سان هن ريت ملڻ جو وجهه مليو اٿم. هاڻ چا ٿيندو؟ مان پاڻ نٿو ڄاڻان اوسيئڙو اٿم. جيئن اڳ مون اوهان کي ٻڌايو آهي ته هاڻي منهنجو فيصلو انصاف جي نالي ۾ اهو شخص ڪندو. جنهن جو نه ڪڏهن مون سان ۽ نه هن سان واسطو رهيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو. منهنجي ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي ڪا نه ٿي سگهي آهي.

صحيح آهي نه؟

چا خيال آهي. چانهه جو هڪ گهمرو ٿي وڃي. اوهان افسوس پيدا ڪيو. اوهان جي مهرباني پر مان موت ۾ چا ٿو چئي سگهان.

Gul Hayat Institute

# خط

(مائٽ ڏانهن آيل ۽ سندس موڪليل خط
جن مان پتو پئي ٿو ته هن زندگي جو انت ڇو آندو)

Gul Hayat Institute

خوش هجو

پيارا ڀاءُ منير احمد

تنهنجو خط اڄ 17/1 تي پهتو آهي. يار واقعي زندگيءَ جي هڻ هٽان ۾ ڪا ڪل ڪانهي، جڏهن ته مان وٽ ايڊريس به آهي پر پوءِ به وقت ناهي جو ترت حال احوال ڪجي. سمجهان ٿو ته تون حيدرآباد به گهٽ ٿو اچين. ادا، جايون هر اداري ۾ هونديون آهن، ڇڙو هوندو آهي اتي جي وس واري عملدار جي وس ۾ ـ هونئن به هينئر تي چار جايون 17 گريڊ جون پرموشن لاءِ ڏيو آهن. ظاهر آهي ته ايتريون ئي 16 گريڊ لاءِ نڪرنديون، پوءِ اهي اتي جي موجود ملازمن کي ترقي ڏيئي ڀرين يا ٻاهران ڀرين. پر هڪ ڳالهه ته شاهه صاحب انهيءَ سلسلي ۾ سچائيءَ سان ڪم وٺي. ٻي ڳالهه ته شاهه صاحب جو اڄ يعني 17 تاريخ تي چيئرمين شپ جو مدو ختم پيو ٿئي، ٻڌو اٿئون ته سندس جاءِ تي پروفيسر اڪرم انصاري ايندو، پر في الحال سمجهي ٿو ته ڪجهه وقت لاءِ شاهه صاحب هوندو. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اوهان کي آزمائڻو آهي ته ترت ئي اچو ته بهتر. جي ڪم ڪرڻو هوندس ته ويندي ويندي ڪري ويندو.

ڪتاب وغيره مڙئي پيا ڪيون، اوهان جي ايندؤ ته روبرو سڀ ڏينداسين، ٻيو سڀ خير آهي.

اميد ته روبرو ملاقات ٿيندي.

فقط

اوهان جو ڀاءُ

نثار

Gul Hayat Institute

ڪراچي

13.06.1981

پيارا ڀاءُ

جيئي سنڌ

خط سان گڏ 5 ڪاپيون به موڪليان پيو. مون 900 ڪاپيون مهراڻ نيوز ايجنسي وارن کي ڏنيون آهن. مون وٽ هتي ڪتاب بالڪل ڪونه بچيا آهن. جولاءِ ۾ ايجنسي وارن سان حساب ڪندس ته باقي ڪتاب ملندا پوءِ توهان کي ڪجهه ڪاپيون موڪليندس. اميد ته منهنجي مجبوريءَ کي سمجهيو هوندؤ. مون وٽ دوستن کي ڏيڻ لاءِ به ڪتاب نه بچيا آهن. اڳئين مهيني ضرور موڪليندس. وعدو رهيو.

توهان ڪهاڻين جو مجموعو ترتيب ڏنو هجي ته اهو رجسٽر ڪري موڪلي ڏيندا جيئن ايندڙ ڪتاب ۾ اشتهار هلائي ڇڏجي. ناول لاءِ اوهان نصير مرزا کي لکو ته پوءِ مان ڪانئس وٺندس.

ٻيو ڪو حڪم هجي ته ضرور لکندا.

اوهان جو پنهنجو

عزيز سنڌي

Gul Hayat Institute

پيارا دوست منير خوش هجو

ڪلهه اوهان جو خط مليو مهرباني. مونکي ته شڪ ٿيو ته ڪٿي توهان کي خط نه مليو آهي. عزيز پاران ڇپرايل تنهنجو هڪ ته مجموعو "انام ڪهاڻيون" ته بازار ۾ اچي چڪو آهي. هي ٻيو ٻئي مجموعي لاءِ آهي. انور سيال واري خبر به مونکي ممتاز مهر ٻڌائي هئي ته هو اوهان جون اهي ڪهاڻيون پيو ڇپرائي جيڪي منير احمد جي نالي سان ڇپيل آهن. ادا ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ في الحال ته اهڙي جاءِ منهنجي نظر ۾ خالي آهي ئي ڪانه. باقي ها جيڪڏهن شاهه محمد شاهه چاهيندو ته ڪري سگهندو. هي شاهه محمد شاهه اهوئي ساڳيو سکر سائيڊ وارو آهي ۽ نور احمد شاهه (جيڪو اڳ ڊي سي هو ۽ هاڻي فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ آهي) انهيءَ جو ڀيءُ آهي. هي ڪنهن دور ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري به رهيو هو ۽ پوءِ سنڌ مدرسي جو پرنسپال رهيو. مقرري جا اختيار ته چيئرمين وٽ هوندا آهن. جيڪي پوءِ بورڊ ڪنفرم ڪندو آهي. مير علي احمد جو هي شاهه خاص ماڻهو آهي.

ڪهاڻي جيڪڏهن جيترو جلد فيئر ڪري سگهو ته موڪلي ڏيو ته مهرباني. مان به مهينا ڪن آفيس مان موڪل ورتي آهي. ڪجهه آرام ڪرڻ جي سلسلي ۾ ۽ ڪالهه ٽي وي ۾ قادر جي ڊرامي ۾ پارٽ مليو آهي. انهيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾. سو گهٽو ڪري مان نواب شاهه ايندم ويجهڙائيءَ ۾ ۽ توهان سان روبرو ملي ڪچهري ڪبي.

ٻيو سڀ سک

سلام نصير مرزا پاران

فقط

اوهان جو دوست

نثار

24.04.1981

Gul Hayat Institute

ڪراچي
11.05.1981

ماڻڪ سائين،

ڪتاب جو مجموعو حاضر آهي، دير سان آيو آهي، پر ان ۾ منهنجو قصور گهٽ، پريس وارن جو وڌ آهي. ڪجهه پروفن جو غلطيون بہ آهن.

توهان پيون ڪهاڻيون بہ مونکي ڏيو. بہ ٽي مهينا لڳي ويندا، هڪ ڪتاب جي موٽ ٿيندي، ڪجهه پئسا ملندا تہ پوءِ ٻيو ڪتاب ڇپرائڻ جي تياري ڪبي آهي.

توهان ٻڌايو ڪيئن پيو وقت گذري. توهان لکو ٿا اها سٺي ڳالهہ آهي. ڪجهہ ناول بہ لکو جيئن سنڌي پڙهندڙن جو تعداد وڌائي سگهجي. بہ سو روپيہ موڪليان پيو. نذرانو جيڪو ڪجهہ منهنجي وس ۾ آهي، دعا ڪريو تہ ڪتاب هلي وڃي ۽ توهانجي ايندڙ ڪتاب لاءِ بہ تياري ڪجي. 15 ڪتاب بہ موڪليان ٿو. ٻيا ڪتاب ڪپنوَ تہ پوءِ مونکي لکجو تہ ڏياري موڪليندس.

سليمان برادرس وارن ڪان ناول زندگي ۽ چار ڏينهن جي رسيد وٺي موڪليو تہ بهتر ٿيندو، مان ڪنهن ڏينهن اچي حساب ڪري پئسا وٺي ويندو سانَ.

ٻيو ڪو ڪم ڪار هجي تہ لکندا.

شوڪت کي ملئي مهينو ٿي ويو آهي. مليو تہ توهانجي ايڊريس ڏيندو سان.

اوهان جو پنهنجو
عزيز سنڌي

Gul Hayat Institute

ڪراچي
12.11.1981

سائين ماڻڪ،

سلام،

توهانجو خط مليو. ڪهاڻي منهنجي ايڊريس تي موڪلي ڏيو. ڪتاب جو پروگرام جنوري 1982ع ڌاري آهي. توهان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو. ان لاءِ مان معذرت ڪيان ٿو.

ياءِ اڄڪلهه مالي حالت ڪجهه بگڙيل آهي، توهانجي ڪتاب "ڇهه انام ڪهاڻيون" جون 400 ڪاپيون ايجنسيءَ واري واپس ڏنيون آهن. ڪوشش پيو ڪريان تہ پاڻ اسٽالن تي رکي اچان. اتي نوابشاهه ۾ اسٽالن تي ڪتاب رکڻ جو خيال آهي. توهان ٻڌايو تہ پوءِ 50 ڪن ڪتاب نوابشاهه ۾ سڪرنڊ لاءِ موڪلي ڏيان.

دوست ڪجهه ٻيري پري آهن، ڪجهه موڪلون بہ هيون. هن جمعي تي شوڪت ڏي گهر ويندس. ڪيس توهانجا سلام ڏيندس.

اتي جو احوال لکندا رهندا. ٻيو ڪو ڪم ڪار هجي تہ ضرور لکندا.

اوهانجو پنهنجو

عزيز

Gul Hayat Institute

ڪراچي
18.02.1981

پيارا پاءُ

سدائين خوش رهو

توهانجو خط مليو. توهان لکيو آهي ته ڪهاڻيءَ جو فوٽو اسٽيٽ ڪرائي موڪليان. هن هفتي ته اهو ممڪن ٿي نه ٿو سگهي. توهان کي عرض آهي ته توهانجو ڪتاب سکر ۾ پريس ۾ هلي رهيو آهي ۽ گهڻو ڪري مارچ جي آخر ۾ تيار ٿي ويندو.

ناول "زندگي ۽ چار ڏينهن" ڇپجي بازار ۾ اچي ويو آهي ۽ ان ڪانپوءِ توهانجو ڪتاب هلائڻ جو پروگرام هئو. جيڪو به گهڻو ڪري هلي چڪو هوندو. سکر مان گهڻو ڪري سپاٽي تائين ڪجهه ڇپيل صفحا اچي ويندا.

توهان پنهنجي مجموعي جي باري پيش لفظ ۽ ارپنا وغيره جلد لکي موڪليو ته بهتر ٿيندو. مان به گهڻو ڪري ايندڙ هفتي نوابشاهه ڪتاب ڪڍي ايندس ۽ ٿي سگهيو ته توهان سان ملاقات ڪندس ۽ ناول به ڏيئي ويندس.

بيو توهانجو حڪم ته ڪهاڻي فوٽو اسٽيٽ ڪرائي موڪليان. ان لاءِ ٻن هفتن جي مهلت ڏيو ته بهتر ٿيندو ڇوته مان سکر خط لکان ٿو ۽ جڏهن اتان ايندي ته پوءِ توهان ڏانهن موڪلي ڏيندس.

Gul Hayat Institute

بيو ڪو احوال لکندا رهندا.

شوڪت اڄ ڪلهه هدايت منگي ۽ ممتاز مهر کي تنقيد سيڪاري رهيو آهي. منهنجو مطلب آهي ته اخبار هلال پاڪستان ۾ ڏي وٺ جاري آهي. توهان به ڪجهه لکو ته بهتر ٿيندو. شوڪت کي توهانجو هي خط پڙهائيندس ۽ کيس چوندس ته توهان سان رابطو رکي.

چڱو

شل سات سلامت رهي اوهانجو

عزيز سنڌي

ریاض بھائی

کیا حال ہیں؟

اپنے احوال سے واقف کریں، کیا کر رہے ہیں؟

امید ہے کہ پروین خوش ہونگی، انکو میری طرف سے سلام، میرا اسٹور چل رہا ہے۔ کراچی میں وکیل سے بات نہیں بنی۔ اگر وکالت شروع کروں گا تو نواب شاہ میں ہی۔

دیکھیں ریاض آپ اکثر جواب نہیں دیتے، لیکن اس خط پہنچتے ہی آپ کو لکھنا پڑے گا۔

عنایت کے بارے میں بتائیں کہ اسکا کیا ہوا، اگر انکی ایڈرس ملے تو جواب میں بھیج دیں۔

صنم اور پریتی کے لئے پیار

منیر

Gul Hayat Institute

نوابشاھ
23.01.1982

پيارا دوست هدايت اميد تہ خوش هوندا.

خاص احوال تہ: مان ڪجھ مهينن لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهڻ ٿو چاهيان. رهڻ جي جاءِ تہ آهي، البت نوڪريءَ جو مسئلو آهي، جيڪو هن دور ۾ ناممڪن آهي. ڇا هلال پاڪستان ۾ مونکي رکندا؟ هتي نہ منهنجي وڪالت هلي سگهي ۽ نہ ئي اسٽور. مان مستقل نہ، پر گهٽ ۾ گهٽ ڇھ مهينا ڪراچيءَ ۾ رهي، اتي ڪٿي نہ ڪٿي جلد نوڪري لاءِ ڪوشش ڪرڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن هلال ۾ گنجائش هجي، يا ايڊيٽر جي وس هجي تہ، اتي ٻين سائين، ممتاز، فقير محمد بلوچ وغيره سان بحث ڪري ڪجھ ڀلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

مونکي سڌ پئي آهي تہ ناصر بروهي ڪوسي جي چوڻ ۾ آهي، مهرباني ڪري جيڪڏهن نبي بخش ڪوسو اوهانکي ملي تہ، سندس ايڊريس بہ هٿ ڪري جوابي خط ۾ لکندا.

جواب لاءِ لفافو موڪليان پيو. جواب جلد ڏيندا ۽ ڪوشش ڪري نبي بخش جي ايڊريس بہ يا اوهان ڪان جيڪڏهن ڏس ۾ ممڪن ٿي سگهي تہ ان ڪان آگاھ ڪندا.

جواب جو اوسيئڙو رهندو.

سنگت لاءِ سلام

منير

Gul Hayat Institute

مانورا پيارا پيا منير

اميد تہ خوش هوندؤ

جواب دير سان ڏيڻ لاءِ اميد تہ معاف ڪندا.

اوهان جي ڪهاڻي بي حد ٽچي ۽ فورس فل آهي.

سنڌي ساهت لاءِ هي ڪهاڻي ڏاڍي سخت آهي. حالتون اوهان جي اڳيان آهن، جڏهن اڪر اڪر سينسر ڪرائڻو ٿو پوي. اج اخبارون ڏسو هڪ پئي جي ڪاربان ڪاپي ٿيون لڳن.

ساهہ ڪٽو تہ مونجهہ جو احساس لڳي ٿو. پئي ڪجندڙ ساهہ لاءِ نڪ کي آڪسيجن ڪانہ ملندي.

اوهانجي ڪهاڻي مون وٽ محفوظ آهي.

ڪنهن رومينٽڪ موضوع تي جيئن "ڇهہ انام ڪهاڻيون" ۾ هوءَ ماستر ۽ ماسترياڻي واري ڪهاڻي آهي. اِن نرم لهجي واري ڪا... جواب خبر ٿَو. ان ڪري ڏيڻ ڪان ڊنس پئي تہ مان ڪهڙي منهن ۽ همت سان لڪان تہ ڪهاڻي سخت آهي ۽.......

منهنجي ڇا مجال ۽ حيثيت..... سو اوهان پوءِ پلا منهنجي ۽ حالتن کي ڏسي رومينٽڪ موضوع تي ڪجهہ ڏيندؤ؟

مون کي ويساهہ آهي اوهان ڏيندو.

اوهانجو

نصير

30.06.1981

Gul Hayat Institute

پيارا سائين

السلام عليڪم

اوهان جو اڳيون خط به مليو هوم ۽ ان ئي ڏينهن جواب لکيو هوم پر الاجي اهو اوهان کي ڇو نه مليو آهي.

عرض ته آئون اڄڪلهه حيدرآباد ڪونه ويندو آهيان. سپ ڏينهن شام جو 6 کان 8 وڳي تائين ڪلينڪ ۾ هوندو آهيان. اربع ۽ جمعرات ڪلينڪ بند هوندي آهي. ان ڪري اوهان ڪنهن به وچ واري ڏينهن تي هليا ايندا ته ضرور ملاقات ٿيندي.

هيو ڪو حڪم هجي ته لکندا.

محمد سليمان شيخ

21.2.1981

Gul Hayat Institute

بي حد مانورا سائين

منير

هن خط کان اڳ بہ اوهانجو خط مليو. مان اوهانجو ڏوهاري آهيان. جواب رڳو ان ڪري نہ موڪلي سگهيس جو سوچيم، ڪتاب بائينڊ ٿي وڃي تہ اڳ پوءِ ڪتاب سان گڏ. جواب نہ ڏيڻ واري وضاحت بہ لکندس.

هي "سنڌي ساهت" 16 آگسٽ تي تيار ٿي ويندو. اميد تہ 20 تائين هر حالت ۾ اوهان کي ملي ويندو.

برساتن سبب ۽ بجلين وڃڻ سبب پريس بند هئي، ڪتاب ليٽ ٿي ويو.

ڇهہ انعام ڪهاڻين مان چوٿين ڪهاڻيءَ جهڙي رومينٽڪ ۽ غمناڪ ڪهاڻي لکڻ لاءِ مان جيڪڏهن اوهان سان فرمائش ڪيان تہ اوهين بيزار تہ نہ ٿيندؤ!

سنڌي ساهت سان مان پنهنجي بنهہ ڪچن ڦڪن نظمن (وغيره) جو مجموعو موڪلي رهيو آهيان. جيتوڻيڪ اوهان کي پنهنجي اِها ڦڪي سڪي شاعري موڪليندي سخت احساس ڪمتري ۽ شرمندگي محسوس ڪريان پيو. تڏهن بہ الائي ڇو... دل چاهي ٿي، اوهان جي لائبريري ۾ جڳهہ ملي پوءِ اِها ڇونہ "ڇهہ انام ڪهاڻين" جي پيرن ۾ ئي هجي. سائين نثار اوهان لاءِ ڪوڙ سلام ڏنا آهن.

اميد تہ خوش هوندؤ.

نصير

13.08.1981

Gul Hayat Institute

**بي حد پيارا ماٹڪ / منير**

اوهان سان، اوهان جي ليڪڪ واري توڻي، ذاتي شخصيت جي حوالي سان مون کي ننڍي هوندي کان دلچسپي رهي آهي، جڏهن اوهان پريات ۾ ايندا هئا.... ۽ ان زماني کي به ڄڻ يگ لنگهي چڪا......

مون کي اوهان جون ڪهاڻيون وڻنديون آهن. نهايت سادو تعريفي جملو آهي، پر ان سِٽ پويان منهنجي اندر جي انيڪ سچن جذبن سان ٽمٽار جملن جي هڪ لائين آهي.

بس جي سفر ۾ الائي ڪيڏانهن وڃي رهيو هئس. مان "ڇهه انام ڪهاڻيون" چپ چاپ پڙهي رهيو هئس. مان ماٹڪ کي پڙهڻ لاءِ هونئن هڪ خاص موڊ ۾ اهڙي خاموش سچوئيشن ڳوليندو آهيان. جنهن ۾ نه پردن جو لذڻ هجي نه الارام جي ٽڪ ٽڪ. خبر ناهي نه فقط ان ڏينهن بس جي ڊسٽربنس ۾ مان اوهان کي پڙهي رهيو هئس، پر ڪردار مون کي پاڻ سان ڏيهه پرڏيهه گهمائيندا رهيا.

مان تازو هڪ دوست سان شڪارپور ويو هئس. جڏهن شام ڊنڍلي ٿي، ته مان هاٿي در وٽ آئسڪريم کائيندي، پريان مير ٽيپي کي ڏٺو. اداس چهري ۽ گمڀير سوچن وارو اوهان جو دوست مير. زمانا ۽ زمينون ماٺهوءَ کي الائي ڇاٿيون بنائي وجهن. ان شام جو مير کي ڏسي اوهان ياد آيا. قليلي جي ڪناري تي هلندي. قيصر سئنما اڳيان حليم کائيندي.... ۽..... ۽..... سي موسمون چپ چاپ گذري رهيون آهن. ڇا ڪجي..... ڇا ڪجي..... دنيا..... دنيا ۽ ماٹڪ!! دنيا منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي. توهان جي امانت محفوظ آهي. بند ماچيس ۾ هڪ هڪ تيلي محفوظ آهي.

۽ ڇا سنڌي ساهت لاءِ اوهان ڪهاڻي ڏيندؤ. سنڌي ساهت جو هي پرچو سائين نثار حسيني مون کي سهيڙڻ لاءِ ڏنو آهي. پهرين پرچو اچي چڪو آهي. هٿي جو مواد هن هفتي پريس ۾ وڃڻ لاءِ جهرڪين وانگر پر سوئي پيو. هن دفعي اوهان ڪهاڻي ڏيو. جيڪا اوهين فيئر ڪري رهيا آهيو. ۽ سيلف انٽرويو ايندڙ لاءِ. يا

ڪنهن رومينٽڪ موضوع تي ڪجهه ٻ. يا اوهان جي ذهن ۾ جو ڪجهه پاڻ بابت هجي، چانهه لکي ڏيندؤ _ مان اوهان جو بي حد ٿورائتو رهندس.

اميد ته خوش هوندؤ. اوهان جي ترت ڪهاڻي ۽ جواب جو منتظر

نصير مرزا

28.05.1981

Gul Hayat Institute

# ....تنهن پاڙيءَ پنا ڏينهڙا

ڊرامائي فيچر

Gul Hayat Institute

(شاهه جي رسالي مان سر گهاتو، مورڙي جي داستان تي ٻڌل)

(سامونڊي لهرن جو شور ۽ گجگاٽ پري کان آهستي آهستي ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ۽ بتدريج اهو شور ۽ گجگوڙ ويجهو ايندي، وڌندو وڃي ٿو ۽ راويءَ جو بيت پڙاڏي ۾ اپري ٿو.)

. راوي: ڪوجو ڦهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي،
خبر ڪونه ڏئي، ته رڃ ڪجاڙي رنديا.

(انساني پيرن جي هلڻ جو گڏيل آواز ٿئي ٿو.)

هڪ ملاح . پلي ڪري آيا جوان.

مورڙي جو هڪ ڀاءُ . سائين منهنجا. سدا سرها هجو.

ساڳو ملاح . يار، اڄ ڪن ۾ ڦهر لڳو پيو آهي، جيڪو ويندو تنهنجو خير ڪونهي. انهيءَ ڪري اڄ رڃ پاڻيءَ ۾ نه وڃو ته چڱو اٿوَ. اسين به اهئين وينا آهيون، ڌڻيءَ جي آسري.

مورڙي جو ٻيو ڀاءُ . ادا مڙئي خير آ. ڌڻي چڱي ڪندو.

نيٺ پنهنجي ڪرت آ. هروڀرو ايڏو ڀؤ ڪرڻ به چڱو ڪين آهي.

(رَڃ ڪي پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪرڻ جو آواز. ڏکايل موسيقيءَ جو انتهائي ڌيرج سان آغاز.)

ملاح . هروڀرو هٺ نه ڪيو. اڄ ڪن پنهنجي وس ۾ ڪينهي. جيڪو ويندو تنهن کي نيندو ۽ خونخوار مانگر مڇ جي ور چاڙهيندو. اوهان کي آهي پنهنجي جوانيءَ جو اجايو ٻانور. هروڀرو چو ٿا پنهنجي جيءَ جو جوکو کڻو.

مورڙي جو ڀاءُ . موت و حيات مولا جي وس آ ڀائرو. دل نه لوڙهيو. اسانجي به سڄي ڄمار هيءَ ڪرت ڪندي گذري آهي. ڪواس م وار اچا ڪين ڪيا اٿئون. چڱو هاڻي ٻاجهه جي نظر الله واهي.

(ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ، ٻيڙيءَ جي اڳتي وڌڻ ۽ ونجهن هلائڻ جو آواز. ڪنَ جي ڪڙڪي جو آواز ويجهو ٿيندو وڃي ٿو ۽ ڏکايل موسيقي ڪجهه تيز ٿئي ٿي.)

ملاح ـ (چڻ ڪجهه پري ڪان ڏاڍيان آواز) اڙي او هنيلو، همٿ نہ ڪيو. موتي اچو، اجايو پنهنجو سر وڃائيندو، او، اج تہ واءُ بہ سٽائون ڪونہ اٿو.

راوي ـ گهنگهرائا گهڻ جاڻ، موڙهي مت مهاڻين،
ويا گڏجي وير ۾، پئا مهہ مهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، وئا ويچارن وسري.

(ڪن جي ڪڙڪن جو تيز آواز. انساني دانهن، ڪوڪن، بچايو، بچايو، جون رڙيون ۽ غل. موسيقي انتهائي تيز ٿي وڃي ٿي ۽ انتها (Climax) تي پهچي هلڪي ٿئي ٿي. راوي جو بيت اڀري ٿو.)

راوي ـ ماڪ پچاين مولهيا، مٿان رات پيئي،
اوليون اجهڻ لڳيون، وئا ونجهہ وهي،
ڪلاچئا ڪهي، ڪڏهن ڪونہ آئيو.

(وقفو)

راوي جو بيت: ڪال ڪلاچيءَ وئا، چتيون ڪٽي چڳير،
پائرن پيرو نہ ڪئو، ادن ڪي اوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪن ورائي جهلئي.

مورڙو ـ ابا، پاڻڙا ڪين وريا. ڳپل مهل ٿي وئي اٿن. هونءَ تہ هن ڪان اڳي اچي ويندا آهن.

اوپايو ـ (مورڙي جو پيءُ) هائو ابا ـ اج تہ اڪ بہ پئي ڦڙڪيم. ڏٽي شل خير ڪري.

مورڙو ـ بابا، مان پلاجهت ڏيئي ڪلاچيءَ جي ڪن تان سار سنڀال لهي اچان؟

اوپايو ـ ابا، تون معذور، ڪٿي وڃي پٽڪندين. مڙئي ڏٽي چڱي ڪندو. اجايا وهم بہ چڱا ڪين آهن.

مورڙو ـ نہ ابا. اج نہ جاڻان ڇو هِنئون پيو ٻڏيم. من ۾ جڻ آنڌ مانڌ. هونءَ

مورڙو ـ مڙس تہ ڪيڏا مانجهي وينا آهيو. نيٺ اسين بہ تہ انسان آهيون. هيءَ هڪ ظالم جانور اسان کان زور ٿي وڃي! پوءِ حيف آهي اسانجي حال تي. اسين انسان، جيڪي هيڏي ساري اٿاهہ سمنڊ جو سينو چيري، لهرون لتاڙي، ڪنبائيندڙ ڳجگوڙ کان بي پرواهہ ٿي، پاتار ۾ پيهي پنهنجو ڪاج ڪيون ٿا. سي هڪ جانور مانگر مڇ کي ماري مات نہ ڪري سگهنداسين سا اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي. مانگر مڇ ڪٿي اسان کان طاقت ۾ زور آهي، عقل ۾ تہ ڪونهي. عقل وڏي طاقت آهي، ۽ نڪوئي ڳاٽائي ۾ زور آ. رڳو مڙسيءَ جي لوڙ آهي. ڪا رٿ رٿيو، اٽڪل ڪيو تہ هن مردود مانگر مڇ کي ماري، پنهنجن منڙن پائرن جو پلاند وٺي سرها ٿيون.

هڪ پوڙهو ملاح ـ ميان مورڙا! اهي سڀ ڳالهيون ٿي، ڳالهہ پاڻ کان زور آ بابا. چوٿا جيءُ جنجل ۾ وجهو. مات ڪري ويهي ڏٿيءَ کي ٻاڏايو تہ هو ڪو هن بلا مان جند ڇڏائي، باقي پاڻ ڪجاڙو ٿا ڪري سگهون.

مورڙو ـ چاچا سياڳا! تلهو نراسائيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ مان ڪي ڪين ورندو. اسان جي گڏيل سگهہ ۽ ڏاهپ آڏو جڳ ۾ ڪابہ ڳالهہ اڻ ٿيڻي نہ آهي. جي ڪجهہ بہ نہ ڪيوسين ۽ هٿ، هٿ تي رکي مات ڪري ويهي رهياسين تہ اهو ڏينهن ڏور ڪونهي جو پاڻ مان هتي ڪابہ پهر ڪانہ بچندي. سڀ انهيءَ خوني مانگر مڇ جو ڪاج ٿي ويندا سين. چاچا رڳو مڙسيءَ، ڏاهپ ۽ ٻڌيءَ کان ڪم وٺون تہ هن ظالم کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ڪا ڳالهہ ئي ڪانہ آهي.

هڪ نوجوان ملاح ـ مورڙا. ڳالهہ تہ بروبر ٺيڪ ٿو ڪرين. پلا تون ئي ڪا ٽَل ٻڌاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

Gul Hayat Institute

مورڙو ـ منهنجي اجها هيءَ رٿ آهي تہ. هڪ وڏو لوهي، مضبوط پڃرو ٺهرايون. جنهن جي چوڌاري تکا ڪِلا ۽ ڪِيل هجن. هر هڪ ڪِلي ۾ رسو ٻڌون. پوءِ هڪڙو ويهي اندر لوهي پڃري ۾ ۽ ٻيا سڀ اهي رسا سوگها ڪري ويهن ۽ پڃري کي آهستي آهستي لاهين ڪن ۾. جڏهن مانگر مڇ انهيءَ ۾ چڪ وجهندو تہ اهو ڦاسي پوندس ۽ جيئن ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪندو. تيئن ويندو جهلبو. بس، پوءِ اندر ويٺل همراهہ وٺي هڪ رسي کي لوڏي ۽ رسو لڏڻ سان ٻاهريان همراهہ. پوري طاقت سان. انکي ڇڪي ڪڍن ٻاهر. پوءِ اهو ظالم مانگر مڇ ۽ اسين. پاڻهي ماري مات ڪنداسينس.

هڪ مهاڻو _ اڇي پهتو آهي. ڏسوس پيٽسان ديوس ڪميٽي ڪي. ڪيترن انسانن جون حياتيون وڃايون اٿائين. ڪيترا گهر اجاڙيا اٿائين.

ٻيو مهاڻو _هڻ ابا. ڏسوس ته سهي! ڪائي ڪائي مڇي پيو آهي.

ٽيون مهاڻو _هائو يار. هيءُ به آفت آهي. پر اڳيان به انسان اٿس. رميٺ ۽ ڦريل انسان! جن گهڻو ڪي وڃائي ظالم ڪي مارڻ جو ڏانءُ سکيو آهي.

(مانگرمڇ ڪي مارڻ ۽ انهيءَ جي دانهن جا آواز اچن ٿا. مئل مانگرمڇ ڪي چيرڻ ڪان پوءِ. پڇرو ڪڍن ٿا. جنهن مان مورڙو صحيح سلامت نڪري ٿو.)

مورڙو _مئو مردود ڪتي جو. مڙسن سان پلاند اٽڪيو هوس _نيٺ ته جِيت ٿي. (ڪلي) هائو. مظلوم جي مڙسيءَ، ٻڌيءَ ۽ ڏاهپ جي جيت.

(فتح ۽ خوشيءَ جي موسيقي ۽ راويءَ جو آواز.)

راوي _ متو آهين مڇ، ڏلهو ٿيو ٿونا هڻين.

توجا پائين اڇ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

❊

Gul Hayat Institute

# ماٺڪ جي بريف ڪيس ۾ پيل
# سندس ڪهاڻيون
# ۽ محمد ابراهيم جويي
# جي ترجمي واري ڪتاب تي
# تنقيدي مضمون

Gul Hayat Institute

# بنا عنوان ڪهاڻي

ڊاڪٽر قمرالدين: شهر جي مشهور ۽ سٺن فزيشنن مان هڪ. ذهين ۽ هوشيار. ڪڻڪ رنگو. جسم جي متناسب بناوت ۽ خدوخال ڪري، پرڪشش شخصيت. ڳنڀير ۽ سنجيدو. آزاد خيال ۽ شريف النفس. پنهنجي پيشي سان لڳاءُ رکندڙ. ايماندار ۽ انسان دوست هجڻ جي ڪري مشهور. شهر جي مٿين معزز شخصيتن مان هڪ. پر پنهنجي حيثيت جي حلقي ۾ بنهه گهٽ هلندڙ. ذاتي دوستن جو حلقو بلڪل نه. سواءِ زميندار رئيس قربان عليءَ جي، جنهن سان ميٽرڪ تائين هم ڪلاسي هجڻ ۽ هينئر سندس فيملي ڊاڪٽر هجڻ جي ناتي دوستاڻا تعلقات. سي به تڪلف جي حد تائين. زندگيءَ جو هڪ "روٽين"(Routine) گهر ـ ڪلينڪ ـ مريض ـ مطالعو ـ ٻارن سان پيار ـ آچر جي ڏينهن آرام. جنهن ۾ پنهنجي مختصر ڪٽنب. زال امينه، نوجوان پٽ اڪبر، تيرهن سالن جي ڌيءَ ڪلثوم ۽ ٻن سالن جي ڪڪي ساڻ ڪنهن تفريحي هنڌ جو سير.

صبح جو پنهنجي مثالي ڪٽنب سان گڏ نيرن ڪرڻ کان پوءِ ڪلينڪ ويندو آهي. وري هڪ بجي اچي ساڻن گڏ منجهند جي ماني کائيندو آهي. آرام ڪندو آهي. شام جو ڇهين وڳي ڪلينڪ، وري رات جي ماني ڪٽنب سان گڏ. رات جي ماني کان پوءِ ڪُجهه مهل تائين جاءِ جي اڳيان لان ۾ يا ٻاهر خالي روڊ تي پسار ڪندو آهي. پسار کان پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ اچي پڙهندو آهي. ڪيسن تي ويچاريندو آهي ۽ ڪتابن کي "ريفر"(Refer) ڪندو آهي. سندس ڪمرو: سادگيءَ سان هر شي رکيل. بڪ شيلف جي مٿين تختي تي ڪنهن دوائن جي ڪمپنيءَ طرفان ڇپيل ڪلينڊر. ڪجهه دوائن جو شيشيون ۽ ڪجهه رسالا رکيل. هيٺين خانن ۾ سندس پيشي سان لاڳاپو رکندڙ ڪتابن کان سواءِ ادب، فلسفي، نفسيات ۽ سائنس جي مختلف، برانچن جا ڪتاب نظر ايندڙ. سڄي ڪمري ۾ . در

جي سامهون، پٽ جي پوري وچ تي هڪ تصوير ٽنگيل: فطري نظاري جِي. ڪمري جي سادي سجاوٽ ۽ ڪتابن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر قمر ڪيڏو سادو، گهرو ۽ پنهنجي پيشي ڪان سواءِ، ٻين علمن جو بہ مطالعو ڪندڙ آهي. ۽ سندس ڪٽنب هڪ مثالي ڪٽنب آهي.

رات جي ماني ڪائڻ ڪان پوءِ، ڊاڪٽر پيوءَ ڪي هنج ۾ ڪنيو ڳل تي چمي ڏنائينس. ٻن وڏن ٻارن کي بہ پنهنجي پنهنجي ڪمرن ڏانهن اڇڻ لاءِ چيائين. اندر ڪمري ڏانهن ويندڙ زال ڏانهن ڏسي مرڪيائين، ۽ بنگلي جي اڳيان لان ۾ آيو. چهل قدمي ڪرڻ لڳو. اڪبر ۽ ڪلثوم بہ ساڻس گڏ هلڻ لڳا. روز مرهہ جون ڳالهيون. ڪاليج جون، پڙهائيءَ جون..... ائين ڳالهيون ڪندا پسار ڪري رهيا ها تہ سندس نوڪر بخشو اتي آيو.

چيائين: ”صاحب اوهان جو فون آهي.“

”ڪير آهي؟“

”رئيس قربان علي.“

”قربان علي؟“ ڊاڪٽر سوالي انداز ۾ ورجايو. پوءِ آهستي، ڄڻ ڪجهہ سوچيندي، پڇڪيائين، ”تہ رئيس ’عمرو‘ ڪري آيو آهي. ڇا ٿو چئي؟“

”چئي ٿو تہ فون ڊاڪٽر صاحب کي ڏج.“

”هون..“ ڊاڪٽر، ڪڪو بخشوءَ کي ڏيندي، وڏن ٻارن کي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن وڃڻ لاءِ چئي، اندر، فون وٽ آيو.

رئيس سان ڳالهائڻ بعد، فون جو رسيور رکڻ کان پوءِ ڪي گهڙيون اتيئي، ڪنهن گهري سوچ ۾ بيٺو رهيو. ۽ پوءِ سوچيندي سوچيندي ٻاهر وڃڻ لڳو.

”ڇا هي؟“ امينہ اندران ڪمري مان نڪري پڇيس.

”ڪجهہ بہ نہ“ زوريءَ آندل مرڪ سان ورائيائين.

”ڪيڏانهن پيا وڃو؟“

”رئيس قربان ڏانهن.“

”ڇو؟ خير تہ.....“ حيرت مان پڇيائين.

”ها ها.“ ڊاڪٽر ساڳي زوريءَ آندل بناوٽي مرڪ سان چيو. ”ڪا ڳالهہ ناهي. رئيس چيو آهي تہ ملي وڃ.“

Gul Hayat Institute

ويساهه گهاتي ڪئي آهي، اعتماد کي نيس پهچائي اٿس. ڊاڪٽر ڪمينو..... نه، ڪچيون گاريون ڏيندو هوندو. هر سنڌي وڏيري وانگر ذليل انسان تون آهين. تون ـ انسان ڪش. تون! جنهن پئسن جي هوڙ ۾ هڪ معصوم جي زندگيءَ کي تباهه ڪرڻ کان به ڪونه ڪيٻايو. هڪ معصوم، پياري ـ

ڊاڪٽر صاحب اوهان کي ڇا پڌايان ته مان شهزاديءَ کي ڪيڏو ٿو پانيا. فراڊ.

ـ ـ هوءَ منهنجي زندگي آهي

— قاتل. سنڌ جا زميندار: هنن کي گوليءَ سان اڏائجي. گوليءَ سان...

مان "نروس" ٿي ويو آهيان. نه نه......؟ "گلٽي ڪانشس" مون ڪوبه گناهه نه ڪيو آهي.

"لئڪ آف مورل ڪريج. نو جو ڪجهه ٿيندو، آءِ ول فيس اٽ."

هينئر هو مون سان ڪيئن پيش ايندو؟ "پولائٽلي"..... يا ـ؟ نيٽ ته وڏيرڪي ذهنيت اٿس. ممڪن آهي..... مان خود بي عزتو ڪندو سانس. پر ساڳي وقت چالاڪ ۽ مڪار به آهي.

ـ ڪورٽ؟

ممڪن آهي؟ "سپوز. بٽ اِٽ از امپاسيبل....؟"

ڪورٽ جو ڪمرو.

"مِي لارڊ انسان جي زندگي ايڏي چيپ ناهي جو ـ مان ڊاڪٽر آهيان. سر. آءِ ايم ڊاڪٽر، ناٽ پيوري ٽين، ييس سر ـ سڊڪشن."

"نو نو. اِٽ از رانگ. اِٽ از رانگ."

"فارنيڪشن"

There was voluntarism between..... under-standing

"بٽ سر... آءِ وانٽ ٽو سي، اوهه! نيور نيور. ڪڏهن به نه."

"واٽ از موريلٽي؟ اخلاق خود پنهنجي جاءِ تي "ويگ ڪانسيپٽ" آهي. جيڪڏهن ان کي "رليٽو فارم" ۾ نه ڏٺو ويندو. محض بڪواس. ڪنهن حد تائين

۾ ڪنهن سان "لو" (Love) ڪندي هجي. جئين عموماً ڪنواريون ڇوڪريون ڪنديون آهن. ۽ اها ڪهڙي نه سٺي ڳالهه هجي ها. جيڪڏهن هوءَ ڪنهن سان "لو" (Love) ڪري ها. پر هوءَ ڪيڏي سادي سودي. هيسيل ۽ سخت پابنديءَ هيٺ! ممڪن آهي، يقين جي حد تائين ته هن تصوراتي دنيا ۾ پنهنجو ڪو محبوب بنايو هجي. ۽ ـ

جڏهن ته فيصلو ڪورٽ ۾ ٿيندو. مان وٽس ڇو ويس (؟) گاڏي موٽايان (؟) هروڀرو مس بيهو (Misbehave) ڪري..... نه. ممڪن آهي پولائٽلي (Politely) پيش اچي. ۽ هن حادثي کي حقيقت پسنديءَ سان ريئلائيز (Realise) ڪري. مون سان ان سلسلي ۾ مشورو ڪري. اهو وڌيڪ بهتر آهي، ۽ ـ، اهو به ته ٿي سگهي ٿو. هي منهنجا اجايا انديشا هجن. اجايا.... هن جو شڪ مون تي نه ويندو هجي. اِهو به ٿي سگهي ٿو. مون کي ننڍپڻ کان وٺي ڄاڻي. منهنجي شرافت ۽ ايمانداريءَ تي سندس پختو اعتماد آهي. هو منهنجي باري ۾ ائين سوچي به نٿو سگهي، مون جڏهن کيس چيو: "رئيس هن ڪيس ۾ ضروري آهي ته مان سائس اڪيلائيءَ ۾ ملندو رهان."

چيائين، "ڊاڪٽر صاحب انهيءَ ۾ پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. شهزادي اوهان جو پنهنجو ٻچو آهي. بس رڳو...."

"باسٽرڊ. هيپو ڪريٽ." (Bastard, Hypocrite)

"ڊاڪٽر صاحب اوهان کي خبر آهي ته مان چئن مهينن لاءِ پاڪ ملڪن ڏانهن زيارت لاءِ وڃي رهيو آهيان. پنهنجا گناهه بخشائڻ. شهزادي جي پارت...."

ايڏي ڀروسي هوندي مون ۾ ڪيئن ٿو شڪ ڪري سگهي! ڪڏهن به نه. مونکي وٽس وڃڻ گهرجي. پر.... انجي معنيٰ ـ؟ هو هُن کي ڏوهي ٺهرائي. نتيجو؟ غيرت جي احمقانه تصور هيٺ ڪيس ماري ڇڏي ـ اوهه! ڪيڏو ڀيانڪ تصور آهي. وحشي جانور. جهنگلي.

"نو نو. شي از انوسينٽ. شي وڊ نات بي بليمڊ." (No, no. she is innocent, she would not be blamed) مان ڪنفيس (Confess) ڪندس. آءِ ول اڪسيپٽ دي ريئلٽي. آءِ ول.) (I will accept the reality, I will.)

Gul Hayat Institute

اڪيون ـ نيم خوابيده ـ چهرو ـ نهار .. چڪ. "هائو بيوٽي فل چارمنگ" (How beautiful, charming) ـ نه ـ مان انهيءَ ڪان متاثر نه ٿيو هوس. ڪڏهن به نه.

مون رڳو سندس حسن جي ساراهه ڪئي هئي. پر اهو منهنجي "انٽينشن" (Intention) تي اثرا انداز نه ٿيو هو. مون سندس ضرورت کي آڏو رکي اڳئي سوچي ڇڏيو هو: "ڪنٽراسيپٽوز" (Contraceptives) جو استعمال ـ ها. مون ڪيترا ڀيرا پاڻ کان سوال پڇيو هو. سوچيو هو: "لاجيڪلي آءِ ڪنوينسڊ ماءِ سيلف" (Logically, I convinced myself) ڪرڻ گهرجي. اهو گناهه تي نٿو سگهي. نه ويساهه گهاتي ۽ نه ئي بداخلاقي.

"ليگل ايسپڪٽ" (Legal aspect)

اوهو! واضح طور تي سوچيو هوم. سوچي به نٿي سگهيس. ناممڪن هو. ناممڪن پر.

هي اوچتو! اوچتو حادثو! حادثوئي ڇئبو. انهيءَ ڏينهن.... اوچتو .. بهرحال اڳي پوءِ ٿيڻو هو. رڳو موقعي جو اندازو رکڻو هو. موقعي جو ـ خود ئي. پر احمقانه انداز ۾. غلط وقت تي ـ پر ڇا ٿِي ٿي سگهيو.

"جيجي مان هن سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ چاهيان ٿو" چيريل اڪين جا ڇپر هيٺ مٿي ـ نهار ـ ڳاڙهو ٽپندڙ چهرو ـ چڪ ـ چپ چرندڙ ـ تيز ساهه ـ سيني جو اڀار لهوار.

شهزادي

ماٺ

اڪيون اڪين ۾

شهزادي!

اوچتو ـ ياڪر

شهزادي! اهو ڇا

ياڪر جي چڪ زور سان ـ تڙپ ـ تڙپ

يس (Yes). نمفوليٽڪ (Nympholeptic)

چمي ـ چميون

Gul Hayat Institute

؟ـ چميءَ ۾ انيشئيٽو (Initiative) منهنجو هو ها. منهنجو بي خوديءَ وچان. اها چمي!؟ همدرديءَ واري پيار وچان. جيئن هڪ ٻار کي ڏٻي آهي(؟) ڪو اهڙو ارادو جنهن کي جنسي معنيٰ ۾ (؟) نه ـ بنهه نه.

پر مان سمجهان ٿو ته، پهرين ته منهنجو اهڙو ارادو ڪونه هو. پر پوءِ هن جي خود ـ سپردگي ۽ پرپور ها. ائين ٿي ـ

چا هي منهنجا ذهني مفروضا آهن؟ هن اچا "ريئلائيز" (Realise) نه ڪيو هجي. اچا ڪلهه ته آيو آهي. پر اچڻ شرط مون سان مليو ڇونه؟ ملڻ ڪپندو هوس. پر جيڪڏهن جاڻ اچا نه پئي هوندس، ته ڪنهن به وقت پئجي سگهيس ٿي. بلڪل. پنهنجي زال کان پڇيو هوندائين. ضرور. ايندو رهندو هو يا نه. ڳپل ڏينهن کان مان نه ويو آهيان. وڃڻ ڪپندو هوم.... هنن گهرايو به ته ناهي! ان جي معنيٰ انهيءَ عرصي ۾ شهزادي نارمل رهي آهي(؟) يا....

"اوهه ليواٽ" (Oh, leave it)

جڏهن ڊاڪٽر جي گاڏي رئيس جي بنگلي جي مين گيٽ مان اندر لنگهي ته ڏٺائين رئيس، بنگلي جي ٻاهرين پاسي واري ٿلهي تي آرام ڪرسيءَ تي ويٺل. سندس پير ۾ منجيءَ تي ويٺل ڪمدار ۽ سندس سامهون ڪرسيءَ تي ڪو ملاقاتي. سندس پراڻو نوڪر ٿورو پر پرو بيٺل. ڊاڪٽر ڪار جو دروازو بند ڪري ٿلهي ڏانهن وڌڻ لڳو. اندر جي هر ڪر وچان. رئيس کيس ڏسي اڳيئي اٿيو هو ۽ ڏانهس وڌڻ لڳو هو. اڳتي وڌي، وڏي اڪير ۽ قرب مان ڀاڪر پاتائينس.

"ڊاڪٽر صاحب ڪهڙا حال اٿو؟" هن گرمجوشيءَ مان هٿ ملائيندي چيو.

"سائين، مهرباني - دعا آهي. خيرن سان موٽي آيوَ" زوريءَ آندل مرڪ چپن تي. ذهن ۾ مونجهه. تجسس، ڪجهه ڄاڻڻ لاءِ

۽ پوءِ اهڙي رسمي گفتگو ـ

سموري گفتگوءَ دوران ڊاڪٽر اشاري طور به اهڙو اندازو لڳائي نه سگهيو. ته رئيس کي ڪا اهڙي ڄاڻ آهي. هو ٻٽي شڪي ذهن سان سوچيندو رهيو. سواءِ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي. ڪجهه وقت ائين رسمي ڳالهه ٻولهه ڪان پوءِ. رئيس ڊاڪٽر کي اندر گهر هلڻ لاءِ چيو. هونئن عام طور، رئيس ڊاڪٽر کي اندر تڏهن وٺي

Gul Hayat Institute

ويون. پيٽ اڳتي وڌيل، نه وڌيل. نظرن جو دوکو (؟). نه _ هلڪو وڌيل (؟) محسوس نه ٿيندڙ ذهن جو سراب (؟) دوکو. اندازي لڳائڻ جو. نظرن جو. احساس جي منجهيل ذهن جو _ ڪو به فيصلو ڪري نه سگهيو. البت تشويش.

”ويهه“ لڄارڻ ڪنڌ هيٺ ڪري ٿورو پريرو بيٺل شهزاديءَ کي چيائين. پنهنجو اجنبي آواز خود ئي محسوس ڪيائين. هوءَ ٻيءَ کٽ تي ويهي رهي. ماٺ، اکيون هيٺ، جهڪيل بدستور.

رئيس ڪيس پنهنجي سفر، پلي ولايت جي مقدس جاين ۽ اتي جي حالتن وغيره جي باري ۾ احوال ٻڌائڻ لڳو. ڊاڪٽر محسوس ڪيو يا ڪيس لڳو ته ڳالهائڻ جي وچ ۾ رئيس ڪنهن ڪنهن وقت معنيٰ خيز نظرن سان، ڪڏهن شهزاديءَ ڏانهن ته ڪڏهن ڏانهنس پئي ڏٺو.

رات جا يارهن ٿيا ته هن رئيس کان موڪلايو. موڪلائڻ وقت رئيس پلي ولايت کان آندل سامان سوکڙيءَ طور کيس ڏيندي چيو: ”سائين، رڳو هن لاءِ اوهان کي تڪليف ڏني هيم.“

ان جو مطلب ڇا ٿو ٿي سگهي؟ هن اڃا اهو محسوس نه ڪيو آهي. شهزاديءَ به ڳالهه نه کولي آهي. هوءَ وبچاري ڪيئن ٻڌائيندي. پر مونکي حقيقت ظاهر ڪرڻ گهرجي. ٻيءَ حالت ۾ غلط فهميون پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪيترا مونجهارا _ اِهو نه ٻڌائڻ ڏوهه آهي. ٻي معنيٰ ۾ ويساهه گهاتي ۽ ..... ها؟ مون کي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ گهرجي. اِهوئي وڌيڪ درست آهي ته رئيس کي سچي حقيقت ۽ اهي اڻ ٿر حالتون ٻڌائي، ابارشن لاءِ آماده ڪيانس.

پر هيءَ مڪمل سالیوشن (Solution) ته ناهي، هن جي زندگي؟

شادي!

يس، اِٽ از آلسو پاسيبل (Yes it is also possible)

سندس شادي لاءِ مجبور ٿئي.

غيرت وچان ماري وجهيس.

اوهه! ائين به ٿي سگهي ٿو. اف _ ! مان..... مون کي گهبرائڻ نه گهرجي. جڏهن هي سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ مان پاڻ کي ذهني طور تيار ڪري رهيو هوس ته

Gul Hayat Institute

ڪو گناھ ڪيو ناھي، جو اجايو ذھني عذاب پوڳيان.

ڊاڪٽر اھو سوچي، قطعي انداز ۾ فيصلو ڪيو.ان ھوندي بہ ھڪ مبھم ڪُٽڪندڙ غير تسلي بخش احساس ڪٿي گھر آيو.

۽ پوءِ ڊاڪٽر جي رئيس سان ملاقات ٿيندي رھي. رسمي ۽ دستوري ڳالھيون ملڻ وقت ھر دفعي ھن اھڙو ذڪر ڇوڙڻ لاءِ سوچيو. پر ھر دفعي سوچڻ ۽ سوچي ذھني ڪرب ۽ تنتي پيڙا پوڳڻ کان سواءِ ڪجھ ڪري نہ سگھيو. ھر دفعي جڏھن اٽل ارادو ڪندي بہ، چئي نہ سگھندو ھو تہ پوءِ پنھنجو پاڻ تي ڏاڍا ڇڪ ايندا ھيس، ۽ پنھنجو من ڇيد ڪندي سوچيندو ھو: اخلاقي جرئت جي ڪمي؟ نہ ـ رئيس جي شخصيت؟ نہ ـ رئيس جو نارمل ورتاءُ؟ جنھن ۾ محسوس ٿيندڙ ڪا چال؟ نہ ـ باقي ڇا؟ ڪجھ بہ نہ. ھن دفعي مان ڪيس ضرور ڇوندس. ائين چئي ڇڪتاڻ پيدا ڪندڙ سوچ ڌارا کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو ھو. ۽ پوءِ وري ـ ملڻ کان اڳ شروعات ڪرڻ لاءِ انداز اختيار ڪرڻ، لفظن جي چونڊ ۽ چالاڪيءَ سان رئيس طرفان اٿندڙ خيالي نقطن جو جواب سوچيندو ھو.

پر ھو وري بہ ذڪر ڪري نہ سگھيو. ۽ نہ رئيس ئي ڪا اھڙي ڳالھ ڪئي.

ائين مھينو گذري ويو.

ھڪ ڏينھن جڏھن، ڊاڪٽر ڪلينڪ ۾ ڪنھن مريض کي چڪاسي رھيو ھو تہ رئيس جو فون آيس. جنھن ۾ ھن ڪيس رات جي ماني ساڻس گڏ ڪائڻ لاءِ دعوت ڏني. ظاھر آھي، ڊاڪٽر انڪار ڪري نہ سگھيو. ۽ گھر ڇئي ڇڏيائين تہ ھو رات جي ماني رئيس وٽ ڪائيندو. رات جو مانيءَ تي، جڏھن ماني ڪائي رھيا ھئا. تڏھن بہ رئيس جو ورتاءُ ساڳيو نارمل ھو. مھذب ۽ گھرائپ وارو. ھر بناوٽ کان خالي پائنجندڙ. البت ڪنھن ڪنھن وقت پاڻ. ڇٽڪ ڪنھن گھري سوچ جي تجيءَ ۾ پئجي ٿي ويو. تہ وري ڪنھن ڪنھن مھل سندس ڪل اجائي. سواءِ ڪنھن ڪارڻ جي ٿي لڳي. جڏھن تہ ڊاڪٽر منجھيل. ڪنھن مھل تہ موڳوئي موڳو. ان ھوندي بہ ھن پنھنجي ليکي ڪوشش ڪري رئيس کي اھو محسوس ٿيڻ نتي ڏنو تہ ڪو پاڻ غائب دماغ آھي، يا سندس سوچ ڪنھن ٻئي ھنڌ آھي.

Gul Hayat Institute

مانيءَ کانپوءِ جڏهن نوڪر سندن آڏو چانهه رکي ته رئيس ڪيس چيو "بس، چانهه جا ٽانو پوءِ ڪڍجانءِ، تون وڃ ۽ در ٻيڪڙيو وڃ" هو هليو ويو.

"ڊاڪٽر صاحب، اوهان سان هڪ اهم مسئلي تي ڳالهائڻو هو." رئيس جڻ اوچتو ڊاڪٽر ڏانهن نهاريندي چيو. "انهيءَ ڪري اوهان کي...."

"هاها، چو نه ـ" ڊاڪٽر پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ تي ٺاهيندي چيو. ڪوڪلي، بناوٽي مرڪ. اندر ۾ هر ڪر، بيقراريءَ سان.

"اوهان ته پنهنجا ئي آهيو. بنهه گهر جا ڀاتي. اوهان کان ڪي ڳجهو ـ". هو خاموش ٿي ويو. لڳي پيو مناسب لفظن ۾ مقصد بيان ڪرڻ لاءِ پتوڙي رهيو آهي. ڊاڪٽر قمر سندس منهن ۾ تجسس وچان نهاري، سندس لفظن جو ٻي چيئنيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو.

"مون سوچيو هو." رئيس چوڻ لڳو. "شهزاديءَ جي شاديءَ جي باري ۾ اوهان سان صلاح ڪريان."

"هون ـ" ڊاڪٽر اچا اڳتي ٻڌڻ لاءِ پوري ڌيان سان ڏانهن تڪڻ لڳو.

"اوهان جو ڇا خيال آهي؟" ڪجهه وقفي جي ماٺ کانپوءِ رئيس پڇيو.

"ها سائين، مون ته اوهان کي اڳ ۾ به ڪيترا ڀيرا اهوئي مشورو ڏنو هو. مان اوهان سان متفق آهيان." ڊاڪٽر وراڻيو ۽ خاموش ٿي ويو.

ڊاڪٽر چپ. رئيس چپ. اها خاموشي ڪجهه عجيب لڳي ٿي. خالي خالي. خاموشيءَ جو اهو خال تقاضا ڪندڙ ته ڳالهائي ان کي پريو وڃي. رئيس، ڊاڪٽر ڏانهن ڏنو. ڪجهه اهڙين نظرن سان، جن ۾ ڪجهه اڪلڻ لاءِ توقع هجي. ۽ ڊاڪٽر جي اندرين بيقراري، رئيس کان وڌيڪ ٻڌڻ لاءِ اتساهه رکندڙ. انهيءَ خاموشيءَ دوران ڊاڪٽر قمر کي اوچتو خيال آيو: رئيس کي سموري حقيقت کان آگاهه ڪرڻ جو ۽ سڀ ڪجهه اڪلڻ لاءِ جڻ ڪا اندرين قوت کيس همٿائي رهي هجي ۽ شعور ابتدا ڪرڻ لاءِ مناسب لفظ ڦولهيندو هجي.

"ڊاڪٽر صاحب" رئيس خاموشيءَ کي ڀڳو.

"جي." ڊاڪٽر اوچتو سجاڳ ٿيندي چيو.

"ڳالهه دراصل هيءَ آهي ته." هٻڪندي رئيس چيو. "شهزاديءَ کي ٻيمت ٿي پيو آهي."

Gul Hayat Institute

”پيٽ!“ ڊاڪٽر اکيون ڦاڙي ڏانهنس ڏٺو. رئيس انهيءَ مهل چڱيءَ طرح سندس منهن جو رنگ بدلجندو ڏٺو.

”ها پيٽ. شهزاديءَ کي پيٽ ٿي پيو آهي ڊاڪٽر صاحب.“ رئيس آهستي آهستي چوڻ لڳو. ”انهيءَ جي باري ۾ اوهان سان ڳالهائڻو هو.“ هو گهڙيءَ کن لاءِ خاموش ٿي ويو.

ڊاڪٽر پنهنجي سيني اندر ڌڙڪندڙ دل جو ڌڙڪو محسوس ڪيو. ۽ ڪرسيءَ تي پاسو بدلايو ۽ پوءِ مٿي پولار ۾ نهاري، اکيون ٽمڪايون ۽ اوچتو چيو: ”رئيس.“ سندس آواز بدليل هو. ”مون کي اڳئي خبر هئي ـ ها. مون کي ان نتيجي جي خبر هئي. قربان علي.“ چند ڪنن لاءِ چپ ٿي ويو. رئيس جون اکيون بدستور سندس منهن ۾ هيون.

”دراصل... آ...“ هو هٻڪيو. ”آ.... دراصل مون کي اڳ خبر هئي ـ رئيس. شهزاديءَ کي اهو پيٽ مون مان آهي.“ هن آخري جملو ٽڪڙو ۽ جلدي چئي ورتو.

رئيس ڏانهنس تڪيندو رهيو: عجيب ۽ حيرت گهٽ. افسردگي وڌيڪ. لڳي پيو هن کي انهن لفظن جي توقع هئي. ان ڪري سندس اکين ۾ حيرت کان وڌيڪ ڪا مبهم معنيٰ هئي. هن هڪ ٿڌو ساهه پريو. ساهه. جو اڻ ـ چٽو هو. ڪنهن مفهوم کان خالي. اندازو نه پيو ٿي سگهي ته اهو ساهه اطمينان جو هو يا صدمي جو.

”ها. رئيس. اهو ٻار مون مان آهي. شهزادي ٻي ڏوهڻ آهي. ۽....“ هن ڪن رکي چيو. ”مان به ـ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي. مون ائين جاڻي ٻجهي ڪيو.“ هينئر سندس ڳالهائڻ ۾ رواني اچڻ لڳي. ”مان سمجهان پيو ته مون کي ائين ڪرڻ گهرجي. هڪ همدرد انسان جي حيثيت ۾.“ ڪن ماٺ کان پوءِ وري چوڻ شروع ڪيائين. ”اها شهزاديءَ جي ضرورت هئي ۽ آهي. سوال آهي ملڪيت جو. جو اوهان جو مفاد آهي. هوءَ انهيءَ لاءِ چو پيو ڳي؟ ڇا اوهان شاديءَ کان سواءِ رهي سگهيو؟ رئيس. معاف ڪجو. اوهان جي ذات بابت.... جيڪڏهن اوهان خراب نه سمجهو ته ـ منهنجو مطلب آهي ...... خير.... پوءِ ڇا هوءَ انسان ناهي. ضرورت محسوس نه ڪندي هوندي؟ ڇا اوهان فطري بک کي ٽاري سگهو ٿا؟ دٻائي سگهو ٿا؟ يا ختم ڪري سگهو ٿا؟ معاف ڪجو ـ اوهان ته مهيني ۾ الاءِ.... خير ـ“

”بس ڊاڪٽر صاحب گهنگار....“

”ڪا ڳالهه ناهي رئيس.“ هن ٿڪل مرڪ سان چيو، جا طنز سان ڀريل هئي. ”رئيس، مان ڪنهن به اهڙي اخلاقيات ۾ ويساهه رکندڙ نه آهيان، جا ٻئي انسان کي ڪنهن به شڪل ۾ غلام رکي ۽ محض پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ ٻئي انسان کي ڪنهن به نموني ۾ چيپيائي. هن معاملي ۾ اوهان خود ڏسو ته ذاتي مفاد جو جذبو ڪيڏو نه ڪريل آهي جو اوهان کي هڪ معصوم جي زندگي ـ سو به پنهنجي نياڻي.... بهرحال منهنجي آڏو منهنجو اهو فعل ڪا به بداخلاقي يا گناهه ڪونهي. هتائين منهنجي آڏو، اهو فعل هڪ رليٽو مارئلٽي (Relative morality) هئي. ها، رليٽو مارئلٽي. يعني ته، يعني ته.... سنڌيءَ ۾ انهيءَ کي ڇا ٿو چئي سگهجي. نسبتي اخلاقيات. پر اهو لفظ به پورو مفهوم ادا نٿو ڪري. اوهان ته منهنجي مقصد کي سمجهي ويا هوندا... ها، رئيس قربان علي خان. دنيا ۾ هر شي رليٽو (Relative) آهي... سو مون هڪ معصوم، بي گناهه نوجوان نينگر جي زندگيءَ ۽ سندس بنيادي ضرورت ۽ اها ضروت پوري نه ٿيڻ جي حالت ۾ ڀيانڪ نتيجن کي آڏو رکيو، جو ظاهر آهي منهنجي آڏو سڀ کان وڏو اخلاق هو (۽ آهي) ان کي اخلاقي فرض چئوس يا هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت سان ـ

”ان کان سواءِ هڪ ٻئي به امڪان کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. هاڻي اوهان خود سوچيو، جڏهن اوهان ڪنهن عورت سان هڪ ڪمري ۾ بند هجو، ۽ اهڙو شڪ ته ڇا پر يقينن شهزاديءَ کي به هجي، ته اوهان ڇا ٿا سمجهو؟ هوءَ ڪنواري، ڪنهن وقت کان ساماڻل ڇا سوچيندي هوندي؟ اچا به صحيح چئجي ته ڇا تصور ڪندي هوندي. ۽ اهڙي قسم جا تصور ظاهر آهي ته سندس.... بهرحال اوهان يقين ڄاڻو جيڪڏهن سندس فطري ضرورت، فطري انداز ۾ پوري نه ٿئي ها، (يا ٿي). ته سندس ريپريسڊ ڪامپليڪسز“ (Repressed complexes) انتهائي پيچيده شڪل اختيار ڪن ها (۽ ڪندا). ڪيس پوندڙ دورا شدت اختيار ڪري، سندس نارمل شخصيت جا پاڳا ڪري ڇڏيندا ۽ سندس لاءِ جسماني عيب: انڌائپ، ٻوڙاڻ، مستقل چريائپ يا ٻئي ڪنهن جسماني عيب يا اڌ رنگ جو ڪارڻ بڻجندا. مان اوهان کي وري به يقين ٿو ڏياريان ته منهنجي آڏو نڪتو سندس صحت ۽ حياتيءَ جو هو. نڪي جنسيت يا شيطاني خواهش جو.

هو چپ ٿي ويو.

”رئيس.“ هن وري چوڻ شروع ڪيو. ”بهرحال، مان اوهان جي انهيءَ راءِ سان متفق آهيان ته اوهان سندس شادي ڪرايو پر.... منهنجي خيال ۾، انهيءَ ڪان اڳ ۾ ضروري آهي ته ٻار ڪيرايو وڃي. ٻار ڪيرائڻ لاءِ مان انهيءَ ڪري نه چئي رهيو آهيان ته، اهو حرامي آهي. هر جمندڙ ٻار نه حلالي هوندو آهي نه حرامي. هو فقط انسان هوندو آهي، پر مان انهيءَ ڪري ٿو چوان جو اسان جي سماج ۾ ..... بهرحال مان اها جوابداري کڻان ٿو. جيتوڻيڪ اها ڪا ڏکي ڳالهه ناهي. مون کي اهو احساس آهي ته، اوهان کي روحاني اذيت پهتي هوندي، انهيءَ لاءِ مونکي ار....“

”پر ڊاڪٽر صاحب.“ رئيس، ڊاڪٽر جي ڳالهه ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏيندي بي وسيءَ مان چيو. ”هوءَ ٻار ڪيرائڻ لاءِ تيار ناهي. مان پاڻ انهيءَ خيال ۾ هوس ته سندس ٻار ڪيرايو وڃي. پر هوءَ سخت ضد ڪري بيٺي آهي. هن جي ڳالهائڻ مان مونکي يقين آهي ته. جيڪڏهن هن جو ٻار ڪيرايو ويو ته هوءَ صدمي هيٺ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويهندي. ها ڊاڪٽر صاحب.“ هن ساهه پريندي چيو. ”ان کان سواءِ سيني نوڪرياڻين کي خبر پئجي چڪي آهي، ظاهر آهي ته ڳالهه لڪي ..... ڊاڪٽر صاحب، انهن سيني ڳالهين کي ذهن ۾ رکي اوهان پنهنجي راءِ ڪان....“ هو چپ ٿي ويو.

”رئيس.“ ڊاڪٽر هن جي خاموشيءَ کي ڏسندي چيو. ”هن سلسلي ۾ مان اوهان جي هر ممڪن مدد ڪندس. اوهان بي ڌڙڪ چئي ڏيو، جو ڪجهه اوهان هن باري ۾ سوچيو ٿا.“

”ڊاڪٽر صاحب..... دراصل مون کي چوندي به شرم پيو ٿئي، پر..... ڇا ڪجي حالتون ئي اهڙيون آهن. ۽..... ڇوڪريءَ جو پيءُ هوندي..... پر... دراصل منهنجو....“ هو چپ ٿي ويو.

”نه نه.... اوهان بي حجاب چئي ڏيو.“ ڊاڪٽر تجسس ڀريل سوالي نگاهن سان ڏانهنس ڏسڻ لڳو. ”ڊاڪٽر صاحب، منهنجي خيال ۾ اوهان شهزاديءَ سان شادي ڪريو.“ هن اوچتو تڪڙو چئي ڏنو.

”مان!!؟....“ ڊاڪٽر حيرت مان ذري گهٽ رڙ ڪئي، ”يعني مان؟!“ پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيائين، ”رئيس، مان اڳئي شادي شده آهيان، ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ مان

Gul Hayat Institute

پنهنجي زال سان محبت ڪيان ٿو. اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي! اوهان ڪٿي بيٺي... منهنجو مطلب آهي ته....."

"ڊاڪٽر صاحب بيٺي هنئڻ.... اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته... ڪير به....."

"نه نه.... هن ۾ ته مان به اوهان جي..."

"پر اوهان انڪار ڇو ٿا ڪريو؟ اهو ضروري ناهي ته بي شادي ڪرڻ سان ڪو پهرين زال جي محبت ۾ گهٽتائي اچي ۽ جڏهن ته شريعت محمدي موجب هڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪري سگهو ٿا."

"پر.... پر مان پنهنجي زال سان پيار ڪيان ٿو ۽ هن سان گڏ زندگيءَ ۾ مطمئن آهيان... ۽ رئيس." هن لفظن تي زور ڏيندي چيو. "مان هڪ ئي وقت هڪ ڪان وڌيڪ زالون رکڻ جي اصول کي نِنديان ٿو. اِهو عورت سان نسورو ظلم آهي. عورت جي سخت توهين. انسان جو مذاق." هن پاسو بدلايو. "ان کان سواءِ رئيس مان اهڙن اصولن. احڪامن يا قدرن کي ننديندو آهيان جنهن مان انسان کي غلام رکڻ يا هن جي ڪنهن طرح سان توهين ڪرڻ جي اجازت هجي. پوءِ اهي اصول اخلاقي قدرن جي نالي ۾ هجن يا سماجي ريتن جي نالي ۾ هجن....."

"پر شهزاديءَ جي پيٽ ۾ اوهان جو ٻچو آهي. اوهان جو تخم.. رئيس غصي گاڏڙ هلڪي جارحانه انداز ۾ چيو.

ڊاڪٽر خاموش. منهن ڳاڙهو ٽيل.

منهنجو تخم؟ تخم؟؟.. بليڪ ميل ڪرڻ ٿو چاهي. ذليل. ڪريل ذهنيت. ڊاڪٽر کي ٽڪرا ٽڪرا خيال آيا. هن پاڻ کي ڊپريسڊ ٿيندو محسوس ڪيو.

"رئيس." ڊاڪٽر پاڻ تي ضابطو مڙهيندي چيو. "منهنجي آڏو ٻار ڪيرائڻ ڪو مسئلو ناهي. پر جيڪڏهن... جيڪڏهن اوهان ٻار ڪيرائڻ نٿا چاهيو. يا اوهان جي ذهن ۾ اهو وينل آهي ته. اهو حرامي ٻار آهي ..... اوهان ان جو خيال نه ڪندا... بهرحال مان ساڻس شادي ڪري نٿو سگهان. اِهو ناممڪن آهي. ناممڪن."

"ڊاڪٽر ...." رئيس ڏانهنس نهاريو ۽ هلڪيو مرڪيو.

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر کي انهيءَ ڦڪي مرڪ ۾ نهار ۾ ننگي مڪاري نظر آئي.

”ڊاڪٽر، اوهان پنهنجي هن فعل کي ڪٽي ڪهڙي به انداز ۾ پيش ڪري، پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. پر اسان جا سماجي قدر... ۽ پڻ قانون... اوهان کي....“ رئيس قانون جي لفظ تي زور ڏنو ۽ اڳتي صاف گوئيءَ سان پنهنجو مقصد ٻڌائڻ جي جرئت (شايد) ساري نه سگهيو. انڪري هٻڪندي هٻڪندي تز لفظ ڳولڻ لڳو. جيئن ڊاڪٽر مشتعل نه ٿئي. پر هوائين ڪرڻ ۾ ناڪام ويو ۽ چپ ٿي ويو.

ڊاڪٽر پنهنجي لڳايل اندازي مطابق ان کي صاف ڪيو. ”اوهان جو مطلب آهي ڪورٽ؟“

”جي؟ نه نه .... منهنجو اهو طلب ته ناهي.... پر....“

”اوهان ڪورٽ ۾ وڃي سگهو ٿا.“ ڊاڪٽر گهرائيءَ مان ۽ فيصلي ڪن انداز ۾ چوندي اٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو.

رئيس سڏيس، هن ان تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو. ڊاڪٽر ٻاهر بيٺل پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهي زور سان در بند ڪري، ڪار اسٽارٽ ڪئي.

ڪار ۾ ٻهرين ته ڪيس هلڪي پڇتاءَ ۽ پنهنجي انتهائي بي حسيءَ سان گڏ، مبهم طور پنهنجو پاڻ پنهنجن نظرن ۾ ڪريل هجڻ، بي عزتو ٿيل جو احساس ٿيو. پر پوءِ ذهن کي جهٽڪو ڏئي، شعوري طور ان احساس کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ويو. جو ڪيس انهيءَ لاءِ ڪافي وزني دليل هٿ ا. پڻ ان سان گڏ، نامطمئن هجڻ جو هلڪو_هلڪو احساس ڪيس اندر ئي اندر ڪرٽ، ڪرٽ ڪرڻ لڳو.

”ذليل - ڪميڻو“ ڏند ڪرٽيندي ٻڙڪيائين. ”ڪورٽ هون، آءِ ول گو ديئر. (I will go there) دراصل مون کي اڳ ۾ ئي هن سان ذڪر ڪرڻ ڪپندو هو. جڏهن عمري کان واپس آيو هو. احمق آهيان، بزدل.“

پڇتاءُ

اڪيون شهزاديءَ جون. چڪ، پاڪر بي خوديءَ وچان. چمي، چميون. تڙپ، خود سپردگي مون چمي چو ڏني؟

”ڪنٽراسپيٽو“ (Contraceptive)

هون، جلدي بازي....

Gul Hayat Institute

چهرو شهزاديءَ جو، چڪ، تڙپ.

لاشعوري طور؟... پوءِ مون رليٽو مارلٽيءَ (Relative morality) جو جواز ڳوليو. شعوري سطح تي.... پنهنجي اندرين غير واضح خواهش کي ”جسٽيفاءِ“ (Justify) ڪرڻ لاءِ.... نو نو (No, no) قطعي نه. ايبسوليوٽلي نات (Absolutely not). مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. ڪڏهن به نه. مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. مون سندس زندگيءَ ۾ ضرورت کي ئي آڏو رکي. جيڪڏهن منهنجي آڏو محض خواهش جي تسڪين هجي ها ته مان بين ڪيترن هنڌن ۾ هٿ آيل موقعن اوهه. ڊيم اِٽ (Oh, dam it)

۽ ڊاڪٽر خالي ذهن سان گاڏيءَ جي اسپيڊ تيز ڪري ڇڏي. گهر ڏانهن وڃڻ لاءِ.

(ذرتي پبليڪيشن. پهريون پرچو، 1974ع)

Gul Hayat Institute

# سونهان اڻ سونهان

لڳاتار ٽن سالن کانپوءِ ...

يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس جي وراندي مان لنگهندي ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڏانهن ويندڙ دروازي وٽ اوچتو متس نظر پئي! هڪ اتفاقي حادثو. جنهن حادثي لاءِ ”جيڪڏهن ملي پوي ته پوءِ.... “ بابت ڪيترا ڀيرا سوچيو هئائين. اها آهي. ساڳي. بنهه ساڳي، ٿوري تبديليءَ سان. ساڳيو اداس، ڳنڀير، وياڪل چهرو، سانورو. هن تبديليءَ سان ته سندس ڇهڪندڙ ۽ ڀهڪندڙ سانورو پڻ. جيڪو چمڪ جو باعث بڻبو هو. سو ڪاراٽيل

هن جي نهارڻيءَ مان پڪ ٿيس ته. هن کيس ڏٺو آهي. سندس دل ڌڙڪي. اندرين تبديلين ڪارڻ پنهنجي منهن جو رنگ بدلجندو ۽ نرڙ تي پگهر محسوس ڪيائين.

ايتري عرصي کان پوءِ ائين، اوچتو ملڻ تي، جنهنجو في الحال وهم ۽ گمان به ڪونه هوس. نه رڳو سندس وجود ڏڏي ويو، پر جڻ ڳپل عرصو اڳ وڏي جاکوڙ کانپوءِ مروٽيل ۽ چيپاٽيل ڏوهه جو احساس ڪَرَ ڪٽي بيٺس. اهو سياويڪ هو. ائين جڻ ورنل قرض کي وسارڻ کانپوءِ، اوچتو سندس اڳيان ٻيندڙ ملي وڃي.

اندرين اٿل کي دٻائڻ لاءِ اچرج، حيرت ۽ خوشي پاڻ تي مڙهيندي، مرڪندي ڏانهنس ڏٺائين. سندس ابتڙ. هن جي منهن تي اوچتي گڏجاڻيءَ ڪري، ڪابه تبديلي ڪانه. ساڳي ڳنڀيرتا، خاموشي ڇهري تي. منهن لڳندڙ خشڪ. جڻ وينشنگ ڪريم لڳل ۽ چڱيءَ طرح مهٽيل. (پر کيس ڄاڻ هئي ته هوءَ وينشنگ ڪريم استعمال نه ڪندي آهي.) هر عام رواجي ملاقات وانگر، ٻئي هڪٻئي کي ڏسندا رهيا، ڪي گهڙيون.

”تون هتي ڪيئن؟“

”ايم ايڊ جي داخلا لاءِ انٽرويو ڏيڻ آئي هيس.“

”تي ويو؟“

”ها.“

”داخلا ملي ويندي!؟“

”سرڪار موڪليو آهي انهيءَ ڪري ملڻ ئي گهرجي!“

چپ، ڪي گهڙيون.

”تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟“

”بس، ٺي... ڪ ني.“

”ساڳي ئي هنڌ آهين؟“

”ها، ٺٽي ۾.“

”فيمليءَ سميت؟“

”ها.“

ڪيس اهڙي قسم جي سوالن منجهان اوچتو هڪ قسم جو ڊپ ٿيڻ لڳو. اهڙو ڊپ، جيڪو پنهنجي پَر ۾ ڪاميابيءَ سان ڏوهـ لڪائيندڙ ڏوهاريءَ کي، وڪيل جي آڏي پڇا تي وڪوڙي ويندو آهي. اهڙي قسم جي سوالن کان بچڻ لاءِ هن ستت رت ڏني، گڏجي چانهه پيئڻ لاءِ.

هن سندس منهن ۾ ڏٺو، سوال ٻڌجي، جڻ نـه اها رت اُٺ .. رواجيءَ طور، اخلاق کان ڪريل، ڪنهن اڻ جاتل شخص کان غير واقف عورت کي پهرين ئي گڏجاڻيءَ ۾ وات ويندي ڏنل هجي.

”چو؟“ حقيقت جي تهہ کي پهچندي چيائين. ”مون سان گڏ چانهه پيئڻ پسند نه ڪندينءِ؟“

”هل.“

علي بابا ريسٽورينٽ جي فيلي روم ۾ اچي ويٺا. سڄو رستو، جيڪو پنجن منٽن جو هو، خاموش رهيا. رستو ساڳيو هو، جنهن تان هو اڍائي سال اڳ جڏهن بي ايڊ ۾ پڙهندا هئا، ڪيئي ڀيرا لنگهي چڪا هئا. هوٽل بہ ساڳي ۽ فيملي ڪمرن منجهان هڪ ڪمرو بہ ساڳيو. پاڻ بہ ساڳيا: هڪ ماستر ۽ ٻي ماسترياڻي. سڀ ڪجهہ ساڳيو هوندي بہ، اوپرا اوپرا. ايڏو ويجهو هوندي بہ، اڻ سڃاتل، اڻ .

جاتل!

ڪمري ۾ ڪجھ اُبس هئي، هن ڪان اڳ وينلن، جي شايد ڪا گهڙي اڳ اتي ويا هئا، جي ڇڏيل گرمي، سگريٽن جي دونهين جي بوءِ سان.

”آئس ڪريم.“

”نه، چانهه.“

”گرمي آهي!“

”توڪان شايد وسري يو آهي ته مان چانهه جي وڏيڪ پياڪ آهيان. گرمي هجي يا سردي.“

هينئر ڪيس ياد آيو ته هوءَ اعصابي ڪمزوريءَ ۾ وائيءَ جي سور سبب ٿڌو ڪڏهن به نه واپرائيندي آهي، ۽ نه ئي پکي جي هوا هيٺان ويهندي آهي.

سندس جهلڻ جي باوجود چانهه هن ٺاهي.

”تون ڪڏهن دادوءَ ويندينءَ؟“

”سڀاڻي.“

”انٽرويو بلڪل پورو ٿي ويو؟“

”ها.“

دراصل هن چاهيو پئي ته ڳالهين جو اهڙو لڳاتار ۽ رڌل سلسلو شروع ٿئي، جنهن سان هيءُ ماحول ۾ هن جي موجودگيءَ ڪري، جيڪو هنيانءَ تي بار ٿي بيٺو هوس ۽ چانهه جي احمقانا صلاح جي ڪري پڇتاءَ جو پيدا ٿيل احساس انهيءَ هيٺان دبجي وڃي.

Gul Hayat Institute

”ماسيءَ جي طبيعت ڪيئن آهي؟“

”ساڳي.“

سوچڻ لڳو: اجا ساڳي حالت ۾! هن ڪي، هن وقت تائين مرڻ ڪپندو هو. هنن ٽن سالن جي دوران، سندس باري ۾ سوچيندي، ويچاريو هئائين ته ماٽس مري چڪي هوندي.

”ڪمزور ته ڪافي ٿي وئي هوندي.“

”فطري آهي.“

”تون به لهي وئي آهين؟“

۽ پوءِ ماڻس ڪي سلھہ تي پيئي، يا ڪيس اڳيئي سلھہ جا اثر ھا، جيڪي پوءِ ظاھر ٿيا. چاڪاڻ تہ سندس ماءُ يعني ھن جي ناني بہ سلھہ وگھي مئي ھئي.

۽ ھينئر ھوءَ پاڻ گھر ڪي سنڀاليندڙ ھئي. ڪمائيندڙ. سلھہ ورتل ماءُ جي پرگھور لھندڙ ۽ ننڍي ڀاءُ جو آئيندو سنواريندڙ. خاموشي. ڳنڀيرتا ۽ سنجيدگي سندس شخصيت جو جز بڻيل. ڳالھائڻ ٻولھائڻ ۾ نھنائي. بردباري خدمت ۽ شفقت جو اظھار. سندس خاصيتون بڻيل.

ملندا رھيا. ھڪ ٻئي کي ويجھو ايندا رھيا. جيتوڻيڪ ٻنھي مان ڪنھن بہ ھڪ ٻئي سان آئيندي ۾ ميلاپ جو چٽو ۽ ڪليل اظھار نہ ڪيو. پر ھن ۾ ڪوبہ شڪ ناھي تہ. سندن ھڪ ٻئي سان اڳتي ھلي مستقل وابستگيءَ جو چٽو ۽ گھرو احساس ٻنھي کي ھو. لاشعوري طور پنھنجي پنھنجي جاءِ تي ٻنھي کي لڳندو ھو تہ. پاڻ اڳتي ھلي ھڪ ٻئي جا ٿي ويندا: ذڪر نہ ڪيل. اڻ ڪليل. ڪڏھن اظھار نہ ڪيل. محض گڏيل سمجھہ. مستقبل بينيءَ جي گڏيل احساس ھيٺ. وابستگيءَ جو وعدو! ۽ ان ۾ لڳندڙ اھڙو ويساھہ. جو ڪڏھن بہ ٻنھي مان ڪنھن کي اظھار جي ضرورت محسوس نہ ٿي.

پاڻ چاھيندو ھو ڪيس شدت ۽ ڀرپور تڙپ وچان پيار ڪرڻ. جو سندس طبيعت ۾ بي چيني، اندروني امنگ کي پوري شدت. گرميءَ ۽ اڳرائيءَ سان ظاھر ڪرڻ جا جذبا تپ تار پريل ھا. جي ٿوري بہ پيار واري ماحول ۾ ڦوھاري وانگر اٿل کائڻ لڳندا ھا. ۽ ڦھريون ڀيرو جڏھن پاڻ. انھيءَ اٿل ھيٺ ڪيس شدت سان پيار ڪيائين: ڦھرين شدت ھٿ وٺي. انھن کي زور. پوءِ چميون. پوءِ پاڪر.... جواب ۾ ھن بہ موٽ ڏني. ساڳي پيار سان. پر انھيءَ پيار ۾ اھا تڙپ. اھو ولولو ۽ جوش ڪونہ ھو. ڀرپور شفقت ھئي. مادرانا شفقت! پاڪر مھل جواب ۾ زور ڏيڻ بجاءِ. ڀٺيءَ تي ھٿ ڦيرائڻ لڳيس ۽ پوءِ وارن ۾ آڱرين سان ڦڻي ڪرڻ لڳيس. ائين: ماءُ. يا وڏي ڀيڻ. پنھنجي لاڏلي پٽ يا ننڍڙي ڀاءُ کي پيار ڪنديون آھن.

جيتوڻيڪ ھن جي انھيءَ ٿڌي ۽ شفقت سان ڀريل پيار جي موٽ. سندس تڙپ ۽ جوش واري پيار جي گھرج پٽاندڙ نہ ھئي. اھو ڪيس لڳو. پر انھيءَ کي شدت سان محسوس نہ ڪيائين. شايد انھيءَ ڪري جو اھو سندس لاءِ. اھڙي قسم جو ڦھريون موقعو ھو. ۽ پوءِ پاڻ سندس منھن ۾ ڏنائين: ھن جا چپ ڦڙڪي رھيا ھئا.

Gul Hayat Institute

تيز ساهہ ۽ اکين ۾ ڳوڙها! هن پنهنجن اکين ۾ سوال ڪٽي، سندس منهن ۾ ڏٺو، ڳوڙهن جو ڪارڻ ڄاڻڻ لاءِ زبان سان ڪو ڪارڻ ٻڌائڻ بدران، هن، سندس منهن پنهنجي سيني ۾ ڪري، ڪيس ٿڦڪيون هڻڻ لڳي، ۽ وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي . ۽ هن پنهنجي ڪياڙيءَ تي، سندس ڪرندڙ ڳوڙها محسوس ڪيا.

ـ ۽ پوءِ هر ڀيري اهڙوئي شفقت ڀريو پيار، بنا ڳوڙهن جي، خوشيءَ جي ڏيهل اظهار سان، سندس پرجوش ۽ ولولي واري پيار جي موٽ ۾.

هينئر، علي بابا ريسٽورنٽ جي فيملي روم ۾ جڏهن هوءَ سندس سامهون، خاموش ويٺل. پاڻ سوچيندڙ انهن پهرين ڀيري جي ڳوڙهن جي ڪارڻ تي ۽ پهتل هن نتيجي تي تہ اهي ڳوڙها، محرومين سان ڀريل زندگيءَ ۾ پهرين پيار جي موٽ ۾ احسانمنديءَ جا ڳوڙها ها.

۽ ائين ئي هلندڙ سلسلو.....

ـ تہ هڪ ڏينهن ڪيس پٽس جو خط مليو، جنهن ۾ سندس شادي سندس سوٽ سان ٿيڻ ۽ ڳالهہ پڪي ٿيڻ جي باري ۾ اطلاع ڏنل هو. سندس وهم ۽ گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ، ڪيس، سندس سوٽ ڏني ويندي! ڇاڪاڻ تہ سندس چاچو، حيثيت ۾ ڪانئن وڏو هو. هيءَ خط سندس لاءِ اڻ ملهي ۽ هڪ عجيب سپني نما خوشيءَ جو ڪارڻ بڻيو . ۽ پوءِ ڪيس، "هن" سان هيءَ ڪيل پيار هڪ راند لڳي، ورونهن جيڪا محض وقت لاءِ يا دل بهلائڻ لاءِ ڪئي وئي. پر جڏهن هن، اندر جي ڏهاءَ هيٺ ڪنهن ڪنهن مهل هن معاملي تي سنجيدگيءَ سان تي ويچاريو تہ ان وقت ڏوهي احساس جي تيز ڇهڪ جي پيڙا سندس وجود کي ايڏو تہ پٽي نپوڙيو، جو پنهنجو پاڻ کي بنهہ سن تي پانيائين . ۽ پوءِ ان ڏوهي احساس جي بار هيٺ يا دل ۾ لڪل چوريءَ واري نيت جي واٽ ناهڻ لاءِ، لاشعوري خيال هيٺ، ڪيس اهو خط پڙهڻ لاءِ ڏنائين.

هوءَ خط پڙهڻ لڳي. پاڻ سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳو. سندس منهن تي ايندڙ ڀاون کي پڙهڻ لاءِ، ڏنائين سندس ڪاراتيل منهن ۽ خشڪ چپ. هن پنهنجي دل بہ ڌڙڪندي محسوس ڪئي. خط واپس ڏنائينس، خط واپس وٺي پڇيائينس، "تنهنجو ڇا خيال آهي؟" هن سندس منهن ۾ ڏٺو ڪيس لڳو تہ، سندس اهو سوال هن کي نہ وڻيو آهي. چيائين، "جيڪو تنهنجو خيال " پوءِ مرڪيائين. روئڻهارڪي

Gul Hayat Institute

مرڪ. جنهن مرڪ هيٺيان ارمانن جو ڍير پوريل. قبرستان.

ٻئي ڏينهن سندس خط مليس.

”..... تون شادي ڪري ڇڏ. مونکي ڪوبہ افسوس نہ ٿيندو. هن معاملي ۾ جذباتي ٿي نہ سوچ. زندگيءَ جون ٺوس حقيقتون، اسان جن جذباتي خواهشن جي تابع نہ آهن. منهنجي حياتي هڪ ويران برپٽ آهي، مان بہ اهو نٿي چاهيان تہ، تون مون سان وابستہ ٿي، برپٽ ۾ ڀٽڪين ۽...... ۽ ڪجهہ نہ ماڻين. زندگي ماڻڻ لاءِ ملي آهي. اها ڪٿان جي ڏاهپ آهي تہ: هڪ صحت مند زندگي کي، مرڻنڌڙ، ناڪاري ۽ هاڃيڪار وجود سان ڳنڍيو، ان صحتمند زندگيءَ کي وقت کان اڳ مرجهائڻ، ۽ ڪجهہ ماڻڻ ڪانسواءِ موت ڏانهن ڌڪڻ جا ڪارڻ پيدا ڪيا وڃن؟ ڇا اها بي انصافي ناهي؟

..... منهنجي امڙ سلهہ جي مريض آهي، منهن جي ناني بہ سلهہ ۾ مئي هئي، انهي ڪري اهو قياس ڪان پري ناهي تہ مان بہ...... هجان، ٻيو نہ تہ، خبر ناهي، ڇو (جيڪو سپاويڪ آهي) منهنجي دل ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو آهي... منهنجي زندگي بہ منهنجي امڙ جي زندگيءَ وانگر اونداهين ۾ روڳي آهي. مون پنهنجو پاڻ کي انهيءَ لاءِ ذهني طور تيار ڪري ڇڏيو آهي، تہ جيئن ڪڏهن بہ شڪايت ڪرڻ جو موقعو نہ پيدا ٿئي. ڇاڪاڻ تہ شڪايت جي عادت پيڙا کي وڌيڪ پيانڪ ۽ ڪربناڪ بنائي ڇڏي ٿي.

”مان هيءُ سڀ جذباتي بڻجي، لکي نہ رهي آهيان. پر اڳ پٽ جاچي پوءِ قلم کنيو اٿم. مان سمجهان ٿي، اسانجو ميلاپ هڪ حادثاتي واقعو هو... اهڙو واقعو جيڪو منهنجي اجڙيل، ويران ۽ مرڻينگهہ زندگيءَ ۾ بهار جا جهوٽا کڻي آيو. پر مون کي سمجهڻ گهرجي تہ ۽ مان سمجهان ٿي تہ اهو لازمي ناهي تہ، بهار آڻيندڙ حادثو ايڏو ڏگهو ٿئي. جيڏي منهنجي زندگي آهي، ۽ منهنجي اهڙي خواهش، سپنو تہ ٿي سگهي ٿي، پر حقيقت نہ. ۽ مان هن سچائيءَ کان پليءَ پٽ سڃاڻ آهيان، مان خوابن جي ديس ۾ نہ پر ٺوس حقيقتن (پوءِ ڀل تہ اهي ڪيڏيون بہ ڪڙيون ۽ بي رحم ڇونہ هجن) سان پريل زندگيءَ ۾ رهان ٿي.

”تو مونکي جو ڪجهہ ڏنو، مان انهيءَ لاءِ انتهائي ٿورائتي آهيان. تو طرفان ڏنل زندگيءَ جي سرهاڻ کي مان، يادن جي روپ ۾ سانديندس، ۽ هنن

سگھنڌ پريل گھڙين منجھان جيڪي منهنجي ماضيءَ جو املهه خزانو آهي، موت جي پڇاڙيءَ وارين گھڙين تائين واس وٺندي رهنديس.

"... مان وري وري به تنهنجو ٿورو مڃان ٿي، سواءِ ڪنهن ڳڻتيءَ جي نئين زندگي اڏ، منهنجون نيڪ خواهشون تو سان آهن. شل سدائين سکيو ستابو ۽ جڙيو هجين."

فقط

.............

(هن پنهنجو نالو وغيره نه لکيو.)

بيشڪ هيءُ خط مٿس بم ٿي ڪريو. سندس وجود کي ذرڙا ڪري ڇڏيائين. پر ساڳئي وقت. هي ساڳيو خط سندس وجود جي ٽڙيل پکڙيل ذرڙن کي هڪ هنڌ ميڙڻ ۽ نئين زندگيءَ ۾ ساهه ڦوڪي، نئين سر اڳوات ڪرڻ ۾، واٽ جي مشعال ثابت ٿيو.

سندس خط ڪان پوءِ، ساڻس ملڻ ۽ اڪيون ملائڻ جي اخلاقي جرئت جو ست نه سارڻ ڪري. اوچتو ڳوٺ هليو ويو ۽ امتحان جي وقت موٽيو. امتحان دوران هوءِ ساڻس ڪانه ملي. نه ئي پاڻ اهڙي ڪوشش ڪيائين.

ان وقت ڪان پوءِ هيءَ سندن ملاقات هئي.

هن سڄي ملاقات جي دوران. هن، ڪانئس. سندس زال يا ٻارن جي باري ۾ . هڪ سوال به ڪونه ڪيو. جنهنجو ڪيس پنهنجي من ئي من ۾ خطرو ضرور هو.

ائين ڳپل مهل وهڻ کانپوءِ. نيٺ پاڻ ئي چيائين. "هلون."

هن ورائيو: "پلي."

پوءِ پاڻ. جڻ هلڻ جي صفائي پيش ڪندي چيائين: "دراصل مون کي يونيورسٽيءَ مان پنهنجا سرٽيفڪيٽ وٺڻا آهن. جو ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسرن جي چونڊ ۾ مونکي پيش ڪرڻا آهن. انهيءَ ڪري دير....."

بل هن زوري ڏنو ڪيس. مرڪ سان هيءُ چوندي ته. "تون ٻچڙيوال آهين. توکي هن ريت هوٽلن ۾ پيسا وڃائڻ نه گھرجن." ۽ هو پيسا ڏيڻ چاهيندي به ڏيڻ جي سگھه ساري نه سگھيو! دراصل هو. خبر ناهي ڇو. پنهنجو پاڻ کي هن آڏو. گھٽ. ڪمتر. ڊپريسڊ ۽ هڪ قسم جو ڏوهاري ۽ زيادتي ڪندڙ محسوس ڪري

Gul Hayat Institute

رهيو هو.

۽ پورن پنجن سالن کانپوءِ:

جڏهن پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ هيڊ ماستر جي حيثيت سان بدلي ٿي آيو، تہ هوءَ گرلز هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊ مسٽريس هئي.

ضلعي جي تعليمي آفيسرن ۽ ماهرن جي ماهياڻي ميٽنگ ۾ پهريون پيرو ڪيس ڏٺائين. ڄڻ خواب ڏسندو هجي: هڏن جو پڃرو، ڪاراٽيل ڏبرو منهن، اندر وينل کوپن ۾ چمڪندڙ مٽڪيون، ڳل اندر پيهيل، ڪپا، تڪليف سان ڪڄندڙ ساهہ کري، ڦهلجندڙ . سسندڙ ناسون، سمورا وار اڇا. هن هڏائين پڃري تي اڇي ڪيرہ جهڙي ساڙهي، نيري ۽ سائي باردر سان.. ڪيڏن پيرا ڏٺل خواب. پر اڻ ڇتو ۽ مبهم! پهرين ڇاڻ هوندي بہ نہ سڃاڻي سگهيس، پوءِ مهتيل خواب لڳندي بہ سڃاڻي ورتائينس. هن بہ ڪيس ڏٺو، ڳالهايو، پر ڪيس اهڙي لڪا ڪانہ ڏنائين، تہ ڪو ڪيس ڄاڻي سڃاڻي.

۽ پوءِ ههڙي موقعن تي، ائين ئي رسمي ملاقاتون: هڪ ٻئي جا ڄاتل سڃاتل، ۽ پوءِ بہ اڻ ڄاتل، جنمن جا فاصلا!

هڪ ڏينهن:

پهرين پيرڊ هلندي ڪيس فون آيو: "گرلس هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊ مسٽريس فجر مهل گذاري وئي."

سندس مٿان ڄڻ ڪنوڻ ڪري، سندس جسم، اتيئي ڪرسيءَ تي هڪ هنڌ ڄڻ ڄمي، پٿر ٿي ويو هجي.

اوچتي موڪل سببان، ٻاهر شاگرد گوڙ ڪندا ۽ خوش ٿيندا گهرن ڏانهن وڃي رهيا ها. ٽيچنگ اسٽاف سندس ڪمري ۾ گڏ ٿي چڪو هو ۽ جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گڏجي هلڻ واسطي سندس انتظار ڪري رهيو هو.

Gul Hayat Institute

# ڪالونزم جي سرجيت

*(محمد ابراهيم جويي جي ترجمي ڪيل ڪتاب "فڪر جي آزادي" تي تبصرو)*

سچ جيئن سمجهه ۾ اچي، تيئن ان کي ظاهر ڪرڻ گناهه ڪونهي. عقيدو ڪنهن تي زوري مڙهي نه ٿو سگهجي. عقيدو هر ڪنهن جي پنهنجي مرضيءَ جي ڳالهه آهي.

سيبا سٽيان ڪاسٽيلو

اج ويهين صديءَ جي پوياڙي ۾ رهندي ۽ انهيءَ نوس حقيقت جي پڪ لاءِ ڪيلينڊر ۾ گهوريندي تاريخ کي نظر ۾ جهٽي، وڌيڪ پڪ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي چڪ هڻي يا چهنڊڙي پائي، اهو ويساهه رکندي ته ويهين صديءَ جي پوياڙيءَ ۾ ئي پيا رهون. هي ڪتاب شروع ڪرڻ سان هن ڪتاب جي سگهه پڌري ٿيندي. هيءُ ڪتاب اهو پيرم نه. پڪو ويساهه ڏياريندو ته سورهين صديءَ ۾ پساهه کڻي رهيا آهيون. ڪالونزم جي ڏهڪاءَ، جهل ۽ ڪٽرپڻي جي ڪوڙڪيءَ ۾ قاتل. مارا اسين کهڙي جڳ ۾ پيا رهون! ۽ جڏهن تاريخ جو معروضي عمل وقت کي اڳتي ڌڪي رهيو آهي، تڏهن نئين سر ڪالونزم جي سرجيت لاءِ ٿيندڙ بي لجا، بي قوس سانپاها ـ ان کان ڪيڏو نه اڻ جاڻ آهيون(؟) پاڻ کي احساس جو ڇيڪو محسوس ڪندي (اندرئي اندر محسوس ڪرڻ جي حد تائين) به زوريءَ اڻ جاڻ رکي اڪيون پوري روايتي ڪن لاٽار ڪري رهيا آهيون؟ سنڌيءَ ۾ ترجمي جي لاڳاپي سان، هن ڪتاب جي اهميت ۽ وڌائي انهيءَ ڪري آهي جو هيءُ پڙهندڙ کي تاريخ جي وهڪ ۾ ۽ وقت جي ماڻ ۾ پنهنجي حيثيت ۽ موجودگيءَ جي سرت ڏياري ٿو. ايڏو بنيادي ڪم سرانجام ڏيندي، هيءُ ڪتاب پنهنجي ليکي به پڇڻ جو حق رکي ٿو: سورهين صديءَ ۾ رهندي. اوهان کي ڪا گهٽ محسوس ڪانه ٿي ٿئي؟ اوهان جو ساهه نٿو ٻوساٽجي ۽ جي ٻوسٽ جو اهو احساس نه ٿيو آهي ته پوءِ اهڙي بي حسيءَ تي تاريخ جي ڦٽڪار آهي ته پوءِ هن ٻوسٽ مان جان آجي ڪرائڻ لاءِ ڪي همت

پير...؟

محمد ابراهيم جويي ڪتاب جي اصل روح کي هاجو رسائڻ ۽ ڪٿي ٻــ ڪو ڇهڪ يا رهنڊ ڏيڻ کان سواءِ سنڌي ۾ آندو آهي. ٻين لفظن ۾ سنڌيلائيز ڪيو آهي. سواءِ هن زور آوريءَ جي تہ سنڌيلائيز ڪندي ڪندي، جويي صاحب پنهنجي ناصحاڻي گفتگوءَ وارو انداز ٽنبي، وڌيڪ اثرائتو بنائڻ جي پاڻ، نگينڊڙ پرم هيٺ لوئي پوئي هن جو ستر وجائي ڇڏيو آهي. ترجمي ڪندڙ جي هٿرادو ٽنبيل پناڙ، پڙهندڙ پاران ٽيمپو کي جهٽڻ واري اتساهه کي ڪاپاري ڌڪ هڻي ٿي. هن ڪتاب جي اوريجنلٽي اهائي آهي تہ واقعا پنهنجو پريور تاثر ڇڏين، جيڪي واقعا تاريخ جو هڪ پوائنٽو پاڳو آهن. ۽ انهن واقعن کي ٿي زيوگ، فڪشنل روپ ڏنو آهي. ڪامياب ۽ پريور. جڏهن تہ جويي صاحب ترجمو ڪندي (يا سنڌيلائيز ڪندي) پنهنجي مڙهيل ناصحاڻي انداز ۾ انهيءَ ۾ خطيبانہ منطق جي آڌار تي جڙيل جملن اندر ڪتاب جي اصل روح کي لوئي پوئي ڇچاڙي ڇچاڙي نستو ڪري ڇڏيو آهي. ڪتاب جو اصل روح، رهنڊ يا ڇهڪ اچڻ بنان اجائي خطبي واري ڏيگهه ۾ ساڻو ٿيل ٿڪل.

ڪتاب جو اصل ليکڪ، اسٽيفن زيوگ جي اصل ڪتاب جو سرو آهي "The right of heresy" جيڪو ڀهرين ٿي نظر سان ليکڪ جي مراد ۽ ڪتاب جي تت کي پڌرو ڪري ٿو. جميل، روايتي، بااختيار ۽ زوريءَ مڙهجندڙ مذهب يا عقيدي خلاف راءِ رکڻ ۽ انهي جي اظهار جي آزاديءَ جو حق (Heresy: Right opinion opposed to the usual or conventional authorized religion or belief).

هن ترجمون ڪيل ڪتاب تي محمد ابراهيم جويو پاران ڏنل سرو "فڪر جي آزادي" جويي جي روايتي دور انديشي (يا مصلحت پرستي؟) واريءَ ڪاسٽيليائي تدبر جو شڪار ٿي مروڙجي ويو آهي. فڪر جي آزاديءَ واري ٿلهي ليکي (Generalized) ڪري ڏنل سرو، هن "خاص" ڪتاب واري "موضوع" (Heterodoxy) ۽ انهيءَ جي مضمون (Subject matter) سان نہ نهڪي ٿو ۽ نڪوئي ان کي اصل ڪتاب جي سري وانگر ڀهرين نظر سان ڪميونيڪيٽ ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

استيفن زيوگ سڌو سنئون، بااختيار، روايت ۾ جميل ۽ مٽان ڪان زوريءَ مڙهجندڙ عقيدي، مذهب خلاف ٿيڻ جي حق کي اجاگر ڪرڻ جي نيت رکي ٿو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته، ترجمي ڪرڻ سان ابراهيم جويي جي به ساڳي ئي نيت آهي. پر سندن پاران ڏنل ٺلهي ليکي سرو، "فڪر جي آزادي" جميل، بااختيار ۽ زور آور عقيدي خلاف چٽي اظهار ۽ وڏيڪ اهم ته Revolt جي حق واري ڏس کي ڀرپور نظر سان اجاگر نٿو ڪري. (اها ڏار بحث جوڳي ڳالهه يا موضوع آهي ته هيرسي جو پراڻو موضوع جيڪو يورپ ۾ سورهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تي آخري چڙهيون هٽي، ڪيس ڪري ختم ٿي چڪو آهي. سواءِ به اسان وٽ ظلم، ڌڪاءَ اختلاف رکندڙ کي شڪار ڪرڻ، ويندي، تاريخ نوس حقيقتن کي مروڙڻ جو اهم وسيلو آهي. انتهائي شرمناڪ حد تائين!) انڪري "آزادي" رڳو "فڪر" تائين محدود رهڻ جو ڀرم پيدا ڪري ٿي. جڏهن ته آزاديءَ جون حدون، فڪري اختلاف کان شروع ٿي، اظهار ۽ عمل جي سرحدن کي به ڇهن ٿيون ۽ انهن سرحدن ۾ اهو عمل قيرقار به آڻي ٿو.

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڀُولاٺو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڀِولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

Gul Hayat Institute

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿئي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

Gul Hayat Institute

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute